(عربي اردو، سنڌي، گجراتي انگلش، بنگالي ۽ هندي) ۾ شايع ٿيندڙ ڪثيرالاشاعت ميگزين

Faizan-e-Madina | Monthly Magazine | رنگین شمارہ

ماهوار

# فيضانِ مدينہ

(دعوتِ اسلامي)

سيپٽمبر 2025 ء / ربيع الاول 1447 ھ

مختصر سيرت شمارو



- آمد مصطفي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا قرآني مقصد
- ختمِ نبوت جي عقيدي جو تحفظ ۽ اسان جي ذميواري
- منهنجي حضور جون ڳالهيون
- پنهنجو وقار ناهيو
- وظائف

1500 هون
جشنِ ولادت
مبارڪ هجي




# ختم نبوت

## جي عقيدي جو تحفظ ۽ اسان جي ذميواري

مولانا اويس يامين عطاري مدني

الله پاڪ سيني نبين ۽ رسولن کانپوءِ سيني کان آخر ۾ حضور نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي هن دنيا ۾ موڪلي نبوت ۽ رسالت جو سلسلو ختم ڪري ڇڏيو. سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي زماني ۾ يا حضور اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کانپوءِ قيامت تائين ڪنهن کي بہ نبوت ملڻ ناممڪن آهي، هي دينِ اسلام جو اهڙو بنيادي عقيدو آهي جو ان جو انڪار ڪرڻ وارو يا ان ۾ ذري برابر بہ شڪ ۽ شبهو ڪرڻ وارو ڪافر ۽ مرتد ٿي اسلام جي دائري مان نڪري وڃي ٿو.

هن عقيدي کي عقيدهٔ ختمِ نبوت چئبو آهي ۽ هن عقيدي جو تحفظ هر مسلمان جي ايمان جو تقاضو آهي، ڇو تہ جيڪڏهن هي عقيدو محفوظ آهي تہ دين ۽ ايمان محفوظ آهي ۽ هن عقيدي ۾ ڪمزوري ايمان لاءِ خطري جو سبب آهي.

رسولِ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي زماني کان وٺي اڄ تائين مسلمان هن عقيدي جو تحفظ ڪندا آيا آهن ۽ اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکَرِیْم رهندي دنيا تائين ڪندا رهندا، ڇو تہ هي عقيدو دين جي ضروريات مان آهي، بلڪ هن عقيدي جو تعلق رسولِ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ذاتِ مبارڪ سان آهي. گويا هن عقيدي جو تحفظ حضورِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ذاتِ مبارڪ جي خدمت آهي ۽ ان جو صلو آخرت ۾ نبيِ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي شفاعت ۽ جنت ۾ داخلا جي صورت ۾ ملندو. اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکَرِیْم!

موجوده دور ۾ قادياني ڪافر، حضور اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي الله پاڪ جو آخري نبي نٿا مڃين، بلڪ اهي مرزا غلام احمد قادياني کي نبي مڃين ٿا، جيڪو قرآن، حديث ۽ امت جي اجماع جو انڪار آهي. انهيءَ سبب ڪري علماءِ ڪرام انهن جي ڪفر جي فتويٰ ڏني ۽ پاڪستان جي آئين ۾ انهن کي ڪافر قرار ڏنو ويو. ۽ اهو قانون طئي ٿي ويو تہ قادياني نہ تہ پاڻ کي مسلمان سڏائي سگهن ٿا ۽ نہ ئي ڪنهن اسلامي علامت جو استعمال ڪري سگهن ٿا. پر قادياني ڪافر هن قانون تي عمل نٿا ڪن ۽ پنهنجا نالا اسلامي نالن تي رکي، پنهنجين عبادتگاهن کي مسجد جي انداز ۾ ٺاهي، انهن کي مسجد جو نالو ڏئي، قرآن ڪريم کي

پنهنجو مذهبي ڪتاب ٻڌائي ۽ پاڻ کي مسلمان ظاهر ڪري سڌن سنئون مسلمان عوام کي دوکو ڏئي رهيا آهن ۽ انهن کي پنهنجي قادياني مذهب ۾ داخل ڪري رهيا آهن.

قادياني ڪافرن جي هن سازش کي ناڪام بڻائڻ لاءِ اسان جي ذميواري اها آهي ته اسان جنهن به سطح تي آهيون، ان سطح تي رهندي مسلمان عوام ۾ عقيدهٔ ختمِ نبوت کي مضبوط بڻايون ۽ هن عقيدي جي تحفظ لاءِ دل و جان سان محنت ڪريون، ته جيئن عوام کي عقيدهٔ ختمِ نبوت جي آگاهي ملي ۽ اهي قادياني ڪافرن جي ناپاڪ سازشن کان بچي سگهن.

❊ جيڪڏهن توهان گهر جا وڏا آهيو ته گهر ۾ پنهنجي گهرواري، ٻارن، ڀينرن، ڀائرن ۽ گهر جي ٻين ڀاتين کي عقيدهٔ ختمِ نبوت بابت ٻڌايو ته ”**حضرت محمد** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله پاڪ جا آخري نبي آهن، اوهان کانپوءِ ڪو به نئون نبي نه ايندو“ ۽ انهن کي اهو به ٻڌايو ته هن دور ۾ قادياني ڪافر، حضرت **محمد** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي آخري نبي نٿا مڃين. جيڪڏهن ڪو قادياني اوهان جو ذهن تبديل ڪندي مرزا غلام احمد قادياني کي مڃڻ لاءِ چوي يا اوهان کي پنهنجي عبادتگاهه هلڻ جو چوي يا اوهان جي مالي مدد ڪرڻ جو چوي ته فوراً ان کان پري ٿي وڃو ۽ ان سان ڪنهن به قسم جي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ يا تعلق رکڻ کان پاسو ڪريو، نه ته اهو ايمان لاءِ خطرناڪ ٿي سگهي ٿو.

❊ جيڪڏهن توهان عالمِ دين آهيو ته پنهنجي آسپاس جي ماڻهن ۾ عقيدهٔ ختمِ نبوت جي اهميت قرآن، حديث ۽ عقلي دليلن سان اجاگر ڪريو. ان لاءِ بيانن، مختلف سيمينارن، ڪانفرنسن ۽ ڪورسن جو اهتمام ڪريو. جيڪڏهن ممڪن هجي ته ٻن ٽن صفحن جو مختصر ڪتابچو تيار ڪري عوام الناس ۾، بلڪ گهر گهر ان کي عام ڪريو. اهڙيءَ طرح جديد تقاضائن کي نظر ۾ رکندي مختصر ڪلپ ۽ پوسٽون وغيره ٺاهي پنهنجي سوشل ميڊيا اڪائونٽس تي وائرل ڪري سوشل ميڊيا استعمال ڪندڙن تائين عقيدهٔ ختمِ نبوت جي آگاهي پهچايو، ته جيئن سوشل ميڊيا استعمال ڪندڙ ماڻهو به عقيدهٔ ختمِ نبوت تي مضبوطيءَ سان قائم رهن ۽ گمراهه ٿيڻ کان بچن.

❊ جيڪڏهن توهان پير صاحب يا سجاده نشين آهيو ته پنهنجي مريدن ۽ عقيدتمندن کي عقيدهٔ ختمِ نبوت تي مضبوطيءَ سان

قائم رهڻ ۽ قادياني لابي کان بچڻ جي تاڪيد ڪريو. ان لاءِ خانقاهه ۾ وقت بوقت قرآن، حديث ۽ عقلي دليلن سان هن عقيدي جي اهميت بيان ڪرڻ جو بندوبست ڪريو.

❋ جيڪڏهن توهان امام صاحب آهيو ته پنهنجي مسجد ۾ نمازين کي عقيدهٔ ختمِ نبوت بابت آگاهي ڏيو. ان لاءِ مسجد ۾ مختلف موقعن تي ٽيندڙ بيانن ۾ هن عقيدي جي اهميت کي بيان ڪريو، خاص طور تي 7 سيپٽمبر جي ڏينهن مسجد ۾ عقيدهٔ ختمِ نبوت ڪانفرنس منعقد ڪريو ۽ نمازين کي ٻڌايو ته ختمِ نبوت جي منڪر قاديانين کي 7 سيپٽمبر 1974ع تي پاڪستان جي آئين ۾ ڪافر قرار ڏنو ويو هو، انهن سان ڪنهن به قسم جو ڪو تعلق نه رکڻو آهي وغيره وغيره.

❋ جيڪڏهن توهان قاري صاحب آهيو ته پنهنجي مدرسي جي ٻارن کي عقيدهٔ ختمِ نبوت بابت ٻڌايو، قاديانين بابت ٻڌايو ۽ ٻارن کي قاديانين کان پري رهڻ جي تاڪيد ڪريو. عقيدهٔ ختمِ نبوت تي قرآن، حديث ۽ عقلي دليلن تي مشتمل سوال جواب ذريعي ٻارن جا مقابلا ڪرايو ته جيئن ان طريقي سان به ٻارن جي ذهنن ۾ عقيدهٔ ختمِ نبوت پختو ۽ مضبوط ٿئي.

❋ جيڪڏهن توهان نعت خوان آهيو ته نعت خواني ۾ عقيدهٔ ختمِ نبوت تي لکيل مستند ڪلام پڙهو، نعت خوانيءَ ۾ آيل ماڻهن کي عقيدهٔ ختمِ نبوت بابت ٻڌايو ۽ انهن کي قادياني ڪافرن کان پري رهڻ جي ترغيب ڏياريو. اهڙيءَ طرح پنهنجي سوشل اڪائونٽ تي به وقت بوقت عقيدهٔ ختمِ نبوت تي ڪلام شيئر ڪريو يا مختصر ڪلپ يا پوسٽ شيئر ڪري سوشل ميڊيا تي به عقيدهٔ ختمِ نبوت جو پرچار ڪريو.

❋ جيڪڏهن توهان استاد آهيو ته پنهنجن شاگردن کي عقيدهٔ ختمِ نبوت بابت ٻڌايو ۽ انهن کي به قادياني لابي کان پري رهڻ جي تلقين ڪريو ۽ شاگردن کي اهو ذهن ڏيو ته چاهي ڪو قادياني ڪيترا به دليل ڏئي يا اوهان جي مالي مدد ڪري يا اوهان کي اسڪالرشپ يا ٻاهر ملڪ وغيره موڪلڻ جو لالچ ڏئي، اوهان کي ان جي ڪنهن به قسم جي ڳالهين ۾ نه اچڻو آهي ۽ عقيدهٔ ختمِ نبوت کي نه ڇڏڻو آهي.

❋ جيڪڏهن توهان ڪنهن ڪمپني، آفيس يا دڪان تي نوڪري ڪريو ٿا ته پنهنجي ساٿين کي عقيدهٔ ختمِ نبوت بابت ٻڌايو ۽ انهن کي به قادياني لابي کان پري رهڻ جي تاڪيد ڪريو. جيڪڏهن توهان مالڪ آهيو

تہ قادياني ورڪر رکڻ کان ئي پاسو ڪريو، چو تہ مشهور مثال آهي: هڪ مڇي سڄي تلاءَ کي گندو ڪري ڇڏيندي آهي.

❊ اهڙيءَ طرح محلي ۾ ۽ دوستن ۾ بہ عقيدهٔ ختمِ نبوت بابت آگاهي ڏيو ۽ انهن کي بہ قادياني لابي کان بچڻ جو ذهن ڏيو.

❊ اڄڪلهہ سوشل ميڊيا جو دور آهي، تنهن ڪري سوشل ميڊيا تي بہ عقيدهٔ ختمِ نبوت جي تحفظ لاءِ پنهنجي سوشل اڪائونٽ تي ان حوالي سان مستند مواد شيئر ڪريو، تہ جيئن عوام الناس کي هن عقيدي بابت معلومات حاصل ٿئي ۽ اهي بہ گمراهہ ۽ باطل عقيدا اختيار ڪرڻ کان بچي سگهن. ان کان علاوه سوشل ميڊيا تي جيڪو بہ عقيدهٔ ختمِ نبوت بابت غلط ڳالهہ ڪري، ان کي پڙهڻ، ٻڌڻ ۽ وائرل ڪرڻ کان پاسو ڪريو.

❊ **نوٽ:** قاديانين سان ميل جول رکڻ، انهن سان گڏ کائڻ پيئڻ، تعلق رکڻ، انهن کان خريد و فروخت ڪرڻ، انهن کان مفت دوائون وٺڻ، انهن جي غمي خوشي ۾ شريڪ ٿيڻ يا انهن کي پنهنجي غمي خوشي ۾ شريڪ ڪرڻ ناجائز ۽ حرام آهي. اهڙي طرح انهن کي استاد بڻائڻ يا ٻارن کي انهن کان پڙهائڻ بہ ناجائز ۽ حرام آهي.

(ماخوذ از: ويب سائيٽ دارالافتاءِ اهلسنت (دعوتِ اسلامي)

محمدِ مصطفٰے سب سے آخری نبی
احمدِ مجتبٰے سب سے آخری نبی

الله پاڪ اسان کي مرڻ گهڙي تائين ختمِ نبوت جي عقيدي جو تحفظ ڪرڻ ۽ ان عقيدي تي ثابت قدم رهڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم



# ٻنهي جهانن جو سردار ۽ عظيم انقلابي رهبر صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اياز هاشم مدني عطاري

جڏهن کان انسان هن دنيا ۾ آباد ٿيو آهي تڏهن کان هر دور ۾ دنيا جي هر خطي ۾ اهڙا عظيم انسان ضرور موڪليا ويا جن انسانن کي سيرت ۽ ڪردار جي تعمير جي دعوت ۽ اخلاق توڙي اعمال جي سڌاري جو درس ڏنو.انهن پاڪ صفت رهبرن اسان کي بنيادي انساني صفتن تي قائم رهڻ، جانورن کان ممتاز زندگي گذارڻ ۽ پنهنجي اندر بلند اخلاقي صفتون پيدا ڪرڻ جي تعليم ڏني. اهو سلسلو آخر نبي الزمان فخر موجودات سردار ڪائنات حضرت محمد مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ذات اقدس تائين جاري رهيو. پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عرب جي جزيري ۾ ان وقت پيدا ٿيا جڏهن پورو عرب شديد اخلاقي بحران جو شڪار هو ۽ عالم انسانيت ۾ عجيب ڏڦير برپا هو. اخلاقي اصولن جو جنازو نڪري چڪو هو ۽ انسانيت جي سر عام تذليل ٿي رهي هئي. انسان سيرت ۽ ڪردار جي تعمير کان غافل ۽ پنهنجي ننگ ۽ ناموس جي بربادي ۾ مشغول هئا. اهي سمورين اعليٰ انساني صفتن کان لاپرواهه ۽ بلند اخلاقي اصولن کان اڻ ڄاڻ بڻجي چڪا هئا. پڌري طور تي بدڪاري ڪرڻ، ٻين جا حق ڪسڻ، ٻين جي عزت، جان ۽ مال تي حملو ڪرڻ عام بڻجي ويو هو. انهيءَ ماحول ۾ اخلاق ۽ ڪردار جي ڳالهه ڪرڻ رڻ ۾ رڙيون ڪرڻ برابر هو. پر انهيءَ عظيم المرتبت انسان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان ماحول کان متاثر ۽ مايوس ٿيڻ بدران اهڙي تہ استقامت، خلوص ۽ بهادريءَ سان حق جي صدا بلند ڪئي جو ڪجهہ ئي عرصي ۾ جهالت جا سمورا ڪڪر هٽي ويا. هڪ مئل ۽ مايوس قوم ۾ زندگيءَ جو روح پئجي ويو. صدين کان هڪ ٻئي سان وڙهندڙ قومن ۽ قبيلن کي محبت جي ڪيميا سان پاڻ ۾ کير کنڊ ڪري ڇڏيائون. سماج کي نہ رڳو هڪ مثالي سماج ۾ بدلايائون پر ان سماج جي انسانن کي انسانيت ۽ اخلاقيات جو علمبردار بنائي ڇڏيائون. پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ماڻهن ۾ روحاني پاڪيزگي، فرد جي آزادي ۽ فرد توڙي سماج جي وچ ۾ اهڙو تہ توازن پيدا ڪيو جنهنجو مثال پوري انساني تاريخ ۾ نٿو ملي. عام طور تي دنيا جي ٻين اخلاقي معلمن سان اهو الميو رهيو آهي جو اهي جن اخلاقي اصولن ۽ ملڪوتي صفتن جي

پاڻ تبليغ ڪن ٿا خود سندن عملي زندگين ۾ انهن مان ڪا جهلڪ نظر نٿي اچي پر پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّم جن جي زندگي مبارڪ ۾ اوهان ڪي ڪٿي به ڪا خرابي، نقص يا عيب نظر نه ايندو. جيڪو جيترو به سندن مبارڪ زندگيءَ جو اونهائيءَ سان مطالعو ڪندو اوترو ئي سندن عظمت ۽ پاڪائيءَ جو وڏيڪ قائل ٿيندو ويندو. سندن زندگيءَ جو سڀ کان پهريون ۽ سونهري اصول ئي اهو رهيو جو پاڻ ٻين کي جنهن به عمل جو حڪم ڏنائون انهيءَ تي سڀ کان پهرين پاڻ عمل ڪري ڏيکاريائون. حضرت انس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ رسول ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّم جا قريبي ساٿي ۽ وفادار خادم هئا تن جو بيان آهي ته مون پورا ڏهه سال پاڻ ڪريم جي خدمت ڪئي پر مون کي پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّم ڪڏهن اف به نه چيائون ۽ نه ئي منهنجي ڪم تي ڪڏهن اهو چيائون ته تو هي ڪم ڇو ڪيو يا تو هي ڪم ڇو نه ڪيو؟ حضرت بيبي عائشه صديقه جيڪا پاڻ ڪريمن جي گهريلو زندگيءَ کان پوري طرح واقف هئي، هڪ ڏينهن ڪجهه صحابي حضرت عائشه صديقه رَضِيَ اللهُ عَنْها جي خدمت ۾ آيا ۽ عرض ڪيائون ته اسان کي حضور محبوب ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّم جن جي زندگي ۽

اخلاقن جي باري ۾ ڪجهه ٻڌايو. اُمُّ المومنين عائشه صديقه فرمائڻ لڳيون ڇا اوهان قرآن مجيد نه پڙهيو آهي؟ قرآن ئي سندن اخلاق آهي! خود قرآن ڪريم ۾ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّم جن جي اخلاق ۽ ڪردار جي گواهي ڏني ويئي آهي ته "بيشڪ اوهان اخلاق جي بلند درجي تي فائز آهيو."(القلم4) رشتيدارن ۾ حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جيڪي ننڍپڻ کان سندن خدمت ۾ رهيا هئا، فرمائين ٿا ته پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّم جن طبيعت جا نرم ۽ اخلاق جا نيڪ هئا. طبيعت ۾ رحم هو ۽ سخت مزاج نه هئا، ڪنهن جي به دل نه ٽوڙيندا هئا بلڪه دلين تي مرهم رکندا هئا، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّم رؤف ۽ رحيم هئا. جڏهن مڪو فتح ٿيو ته حرم جي اڱڻ ۾ قريش جا سمورا سردار بيوس ٻڌجي سندن سامهون بيٺا هئا، انهن ۾ اهي به هئا جن مسلمانن کي اذيتون ۽ ايذاءَ ڏيڻ ۾ وسان ڪونه گهٽايو هو ۽ اهي به هئا جن اسلام جي مخالفت ۾ ننهن چوٽيءَ جو زور لڳايو هو. اهي به هئا جن پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّم جي توهين ۽ بي ادبي ڪئي هئي، انهن ۾ گاريون ڏيڻ وارا به هئا ته مذاق اڏائڻ ۽ مسخريون ڪرڻ وارا پڻ. مٿانئن پٿر اڇلڻ وارا به هئا ته مسلمانن کي اگهاڙين پنين سان ٻرندڙ ٿانڊن تي ليٽائڻ

وارا به. انهن ۾ اهي سفاڪ قاتل به هئا جن جا هٿ مسلمانن جي ناحق خون سان رنگيل هئا پر اڄ اهي سڀ مايوسي، بيوسي ۽ لاچاريءَ جي تصوير بڻجي سرور ڪائنات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّم جي دربار ۾ پنهنجي متعلق فيصلي جا منتظر هئا ۽ ٻئي پاسي هزارين تيز تلوارون رڳو محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّم جي هڪڙي حڪم جون منتظر هيون پر صدقي وڃجي ان رحمتن ڀرئي سمنڊ جي رحمتن ۽ شفقتن تان جو سندن دل ۾ بدلي جي باهه ڀڙڪڻ بدران محبت موجون هڻي رهي هئي ۽ عفو ۽ درگذر جا چشما ڦٽي رهيا هئا. مفڪر اسلام مخدوم محمد هاشم ٺٽوي سنڌي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا ته رسول ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّم انهن سڀني کي مخاطب ٿيندي فرمايو: اي قريشيو! اوهان کي ڪهڙي اميد آهي ته اڄ آئون اوهان سان ڪهڙو سلوڪ ڪرڻ وارو آهيان؟ سڀني جواب ڏنو ته اسين اوهان مان اڄ به سٺي اميد ئي رکون ٿا جو اوهان ڪريم النفس ۽ شريف پاءُ آهيو ۽ ڪريم النفس ۽ شريف پاءُ جا پٽ آهيو. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّم فرمايو ته اڄ آئون اوهان کي به اها ئي ڳالهه چوان ٿو جيڪا حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجي ڀائرن کي چئي هئي ته ” اڄ اوهان تي ڪو الزام ناهي، وڃو اوهين سڀ آزاد آهيو.“ ابوسفيان رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جيڪو بدر، احد ۽ خندق جي لڙائين جو اڳواڻ رهيو هو ۽ خبر ناهي ڪيترن مسلمانن جا ڪنڌ سندس تلوار هيٺان آيا هئا. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّم نه رڳو ڪيس معاف ڪري ڇڏيو پر اهو اعزاز به عطا فرمايو ته جيڪو ابوسفيان جي گهر ۾ پناهه وٺندو ان لاءِ به معافي آهي. بلند اخلاق جي اهڙو جيئرو جاڳندو، دائمي ۽ عالمگير مثال ڪير پيش ڪري سگهي ٿو ڀلا؟

پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّم جنهن قرآن جي تعليم ڏني تنهن کي پنهنجي عملي زندگيءَ ۾ قابل عمل بنائي پيش ڪيو. اها هڪ ناقابل ترديد حقيقت آهي ته پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّم جن جي زندگي بشريت جي دنيا لاءِ اسوه حسنه ۽ اِلاهي فيض ۽ برڪتن، هدايتن ۽ حڪمن جو اهڙو مفيد ۽ اونهو چشمو آهي جيڪو ڪڏهن به سڪڻ وارو ناهي. سندن حيات طيبه ۾ پاڪيزه زندگي جي تمام حسن جا مثال ۽ نمونا موجود آهن، امن ۽ آشتيءَ جون جهلڪيون به آهن ته صلح ۽ مصلحت جا منظر به. دفاعي حڪمت عملين جون ڪيفيتون به آهن ته معتدل حالتن ۾ پرسڪون ڪيفيتون به. پنهنجن سان تعلقات ۽ غيرن سان لاڳاپا، معاشرت ۽

معاملات، رياضت ۽ عبادت، عفو ۽ ڪرم، جود سخا، تبليغ ۽ تقرير، معيشت، سياست، حڪومت ۽ وهنوار مطلب تہ زندگيءَ جي هر شعبي ۾ سندن شاندار رهبري ۽ رهنمائي عملي صورت ۾ نظر اچي ٿي.اڄ بدقسمتيءَ سان اسان مان هرڪنهن جي دعويٰ تہ اها ئي آهي تہ اسان سڀ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا مڃيندڙ ۽ ساڻن محبت ڪندڙ آهيون پر اسان ٿوري دير لاءِ بہ سنجيدگيءَ سان ڪڏهن پنهنجي اندر جي آئيني ۾ ڪڏهن ان حقيقت جو جائزو وٺڻ جي ڪوشش ناهي ڪئي تہ اسان جي عملي زندگين ۾ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ان اسوه حسنہ جي پيرويءَ جي ڪا جهلڪ نظر اچي ٿي؟ اها رحمت ۽ محبت، سچائي ۽ خلوص، امانت ۽ ديانتداري، همدردي ۽ خيرخواهي، تحمل ۽ بردباري، صبر ۽ شڪر، سادگي ۽ ڪفايت شعاري، عفو ۽ درگذر، شفقت ۽ رحم دلي، عدل ۽ انصاف، توڪل ۽ قناعت، نرمي ۽ ملنساري، سخاوت ۽ درياءُ دلي جنهن جو درس پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نہ رڳو دنيا کي ڏنو پر عملي صورت ۾ پنهنجي زندگيءَ ۾ انهن شين جو مظاهرو ڪري بہ ڏيکاريائون، اهي شيون اسان جي زندگين ۽ ڪردار ۾ ڳولي بہ نٿيون لڀن. سندن انهيءَ برڪت پري تعليم ۽ سکيا کان عملي طور تي منهن موڙڻ جو ئي نتيجو آهي جو اڄ اسان دنيا توڙي پنهنجن زندگين ۾ مختلف مشڪلاتن، پريشانين، مونجهارن، دردن ۽ مصيبتن جو شڪار آهيون. آخر ۾ آءُ اهو چوڻ چاهيان تہ ربيع الاول جو برڪتن ڀريو مهينو اسان جي درميان جلوه گر ٿي چڪو آهي اچو اڄ اسان اهو عهد ڪيون ٿا تہ پنهنجي نبي پاڪ جي سيرت ڪردار، اسوه حسنہ تي عمل ڪري پنهنجي قبر ۽ آخرت سنواريون ۽ سندن مٿان خوب خوب درود ۽ صلواتون پڙهون، ان رحمت ڀرئي سائينءَ تي جنهن انسانن کي انسانيت سيکاري.



# مدني مذاڪري
# جا سوال جواب

### (1) جشنِ ولادت جا جهنڊا ڪڏهن لاهجن؟

**سوال:** جشنِ ولادت جي موقعي تي اسان پنهنجن گهرن تي جيڪي جهنڊا لڳائيندا آهيون، اهي ڪڏهن لاهيون؟

**جواب:** ٿي سگهي ته 25 صفر شريف کان هڪ اڌ ڏينهن اڳ لڳايا وڃن ته جيئن منهنجي آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو عرس مبارڪ به ان ۾ اچي وڃي ۽ پوءِ ٻارهين شريف جو ڏينهن گذاري انهن جهنڊن کي لاهي احتياط سان رکيو وڃي ته جيئن ايندڙ سال ڪم اچي سگهن. جيڪڏهن انهن جهنڊن کي سڄو سال لڳل رهڻ ڏيندا ته پوءِ انهن ڏانهن شايد ڪير به توجهه نه ڏيندو ۽ ٿي سگهي ٿو ته اهي سج ۽ هوا جي ڪري شهيد ٿي زمين تي اچي وڃن.
(مدني مذاڪرو، 9 ربيع الاول 1440ھ)

### (2) ڇا 12 ربيع الاول جي ڏينهن ڪم تي وڃي سگهجي ٿو؟

**سوال:** جيڪڏهن آفيس ۾ ڪو ضروري ڪم هجي ته 12 ربيع الاول جي ڏينهن ڪم تي وڃي سگهجي ٿو؟

**جواب:** 12 ربيع الاول ۽ عيدين (يعني عيد الفطر ۽ عيد الاضحيٰ) جي ڏينهن مسلمانن جي اڪثريت موڪل ڪندي آهي، جيڪڏهن ڪو انهن ڏينهن ۾ به موڪل ڪرڻ بدران ڪم ڪار ڪري ٿو ته اهو منع ناهي. ٿي سگهي ٿو جيڪي مسلمان غير مسلمن وٽ نوڪريون ڪندا هجن، اهي انهن کي انهن ڏينهن جون موڪلون نه ڏيندا هجن ۽ انهن کي ڪم ڪرڻو پوندو هجي ته اهي ڪم ڪري سگهن ٿا. ائين ئي ڪجهه مسلمان به پنهنجن ملازمن کي انهن ڏينهن جي موڪل ناهن ڏيندا ڇو ته عيدين ۽ 12 ربيع الاول جي ڏينهن انهن جو ڪم وڌي ويندو آهي. جيئن وڏي عيد جي ڏينهن ۾ گوشت وڪڻندڙن جي موڪل ناهي ٿيندي ڇو ته ان ڏينهن اهي وڌيڪ مصروف ٿي ويندا آهن. اهڙيءَ طرح جانور وڪڻندڙ واپاري به وڏي عيد جي ڏينهن ۾ موڪل ناهن ڪندا. ائين ئي عيدين ۾ مٺائين ۽ جنرل اسٽور وارن جو ڪم به تمام گهڻو هوندو آهي ته اهي به موڪل ناهن ڪندا. ان سان گڏ جيڪي ماڻهو ٻارن جا رانديڪا وغيره وڪرو ڪندا آهن انهن جي به عيدين وغيره جي موڪل ناهي ٿيندي ڇو ته اهي انهن جي خاص ڪمائي جا ڏينهن هوندا آهن.
(مدني مذاڪرو، 9 ربيع الاول 1440ھ)

### (3) قبر تي جهنڊا يا جهنڊيون لڳائڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** ميلاد شريف جي موقعي تي پنهنجن مرحومن جي قبرن تي ميلاد شريف جا جهنڊا يا جهنڊيون لڳائڻ ڪيئن آهي؟

**جواب:** منهنجو مشورو اهو آهي ته ان ڳالهه کي رواج نه ڏيو، ٿي سگهي ٿو ته جهنڊا

يا جهنڊيون ٻار وغيره پٽي ڪٽي وڃن يا وري مينهن ۾ سج پوڻ سان پراڻا ٿي اڏامي وڃن ۾ ائين انهن جي بي ادبي ٿئي، تنهنڪري قبر تي ميلاد شريف جا جهنڊا لڳائڻ بدران ٻوٽا لڳايا وڃن، ڇو ته اهي جيستائين تروتازا رهندا ذڪر ڪندا رهندا، جنهن سان ميت جي دل لڳندي. منهنجي والده مرحومہ جي قبر تي بہ ڪجھ ماڻهو جهنڊا لڳائي ويندا آهن، مهرباني ڪري! اهي ائين نہ ڪن، ها گل وجهڻ سٺو آهي.

(مدني مذاڪرو، 16 ربيع الاول 1440ھ)

### "(4) صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد" جو مطلب

**سوال:** "صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد" جو مطلب ڇا آهي؟

**جواب:** "صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد" جو مطلب اهو آهي ته (حضرت) محمد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي الله جو درود هجي. (مدني مذاڪرو، 20 جمادي الاولیٰ 1440ھ)

### (5) فجر جي نماز ڏينهن جي نماز آهي يا رات جي؟

**سوال:** فجر جي نماز جو شمار ڏينهن جي نماز ۾ ٿئي ٿو يا رات جي نماز ۾؟

**جواب:** ڏينهن جي نمازن ۾.

(مدني مذاڪرو، 18 صفر المظفر 1440ھ)

### "(6) رَبِّ اغْفِرْلِي" جو مطلب

**سوال:** "رَبِّ اغْفِرْلِي" جو مطلب ٻڌايو.

**جواب:** ان جو مطلب آهي: اي پالڻهار! منهنجي مغفرت فرماءِ. (مدني مذاڪرو، 12 شوال المكرم 1440ھ)

### (7) صدقي جو گوشت اڇلائڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** ڇا صدقي جو گوشت اڇلائي سگهجي ٿو؟

جواب: صدقي جو گوشت هجي يا قرباني جو، ان کي اڇلائڻ مال ضايع ڪرڻ آهي ۽ اهو گناھ آهي. ها، جيڪڏهن گوشت خراب يا ڪنو ٿي ويو آهي ته ان جو کائڻ حرام آهي، ان کي اڇلائڻو ئي پوندو. ڪجھ بابا اهڙا هوندا آهن جيڪي چوندا آهن ته جڏهن ٻڪرو صدقو ڪريو ته ان جي سِري فلاڻي قبرستان ۾ دفن ڪري ڇڏجو، ان سان توهان جي فلاڻي مشڪل دور ٿي ويندي. سِري دفن ڪرڻ اهو بہ غلط آهي، ان ۾ بہ مال ضايع ڪرڻ آهي جيڪو حرام آهي. بابي کي بہ الله پاڪ کان ڊڄندي اهڙا ا مشورا ڏيڻ کان بچڻ ضروري آهي. (مدني مذاڪرو، بعد نماز تراويح، 14 رمضان المبارڪ 1441ھ)

### (8) معاف نہ ڪرڻ وارو حوضِ ڪوثر تي نہ وڃي سگهندو!

**سوال:** جيڪڏهن ڪو پنهنجي دوست کان معافي گهري ۽ اهو معاف نہ ڪري ته پوءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

**جواب:** معاف ڪري ڇڏڻ گهرجي ڇو ته حديث پاڪ ۾ آهي: "جنهن وٽ ان جو ڀاءُ معافي وٺڻ اچي ۽ اهو معاف نہ ڪري ته ان کي حوض ڪوثر تي اچڻ نصيب نہ ٿيندو".

(ڏسو: معجم اوسط، 4/376، حديث: 6295 - مدني مذاڪرو، 3 محرم الحرام 1441ھ)

### (9) مڙس تنگ دست هجي ته زال ڇا ڪري؟

**سوال:** جيڪڏهن مڙس تنگ دست هجي ته زال کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

**جواب:** مڙس جي حوصلا افزائي ڪري ۽ تسلي ڏئي ته الله پاڪ سڀ بهتر ڪندو، اوهان فڪر نہ ڪيو. اهڙي موقعي تي ڪا بہ فرمائش

وغيره نہ ڪري، ڇو تہ فرمائش بہ آزمائش ۾ وجهي ڇڏيندي آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن مڙس حرام طرف رخ ڪري ويهندو آهي. زال جيڪڏهن مڙس کي Freehand ڏيندي (روڪ ٽوڪ نہ ڪندي) تہ مڙس کي سڪون ملندو ۽ هو Tension free (ذهني دٻاءَ کان آجو) بہ رهندو، الله پاڪ ڪندو تہ برڪتون بہ اچي وينديون. پنهنجي نصيب ۾ جيڪا روزي هوندي آهي اها ضرور ملڻي آهي. عوامي محاورو آهي: ”هر بهاني روزي ۽ هر بهاني موت آهي“.

(مدني مذاڪرو، 10 محرم الحرام 1441ھ)

### (10) سفر دوران قضا ٿيل نمازون قصر پڙهبيون يا پوريون؟

**سوال**: سفر دوران جيڪي نمازون قضا ٿيون انهن کي بعد ۾ قصر ڪري پڙهبو يا پوريون؟

**جواب**: سفر ۾ جيڪي نمازون قضا ٿيون، جيڪڏهن انهن کي پنهنجي وطن وڃي پڙهبو تہ قصر ئي قضا ڪبي ۽ جيڪڏهن ڪنهن جون نمازون وطن ۾ قضا ٿيون هيون ۽ هاڻي اهو سفر تي نڪتو آهي تہ سفر ۾ قصر نہ پر پوريون رڪعتون قضا ڪندو يعني جيڪا نماز جهڙي قضا ٿي ان کي ائين ئي پڙهبو.

(ڏسو: فتاويٰ عالمگيري، 121/1 - مدني مذاڪرو، 22 محرم الحرام 1441ھ)





(قسط: 01)

# آمدِ مصطفيٰ جا قرآني مقصد

مولانا راشد علي عطاري مدني

انبياء ڪرام جي بعثت حقيقت ۾ انسانيت لاءِ رباني رحمت آهي، جيڪا جهالت جي اونداهين، ظلم جي پڪڙ، شرڪ جي گمراهي ۽ اخلاقي زوال کان نجات جو ذريعو بڻي. انبياءِ ڪرام عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجين امتن کي الله وحده لاشريڪ جي در تي جهڪڻ جي تعليم ڏيندا رهيا ۽ گمراهي کان بچائيندا رهيا. هدايت ۽ رهنمائي جو اهو نبوي سلسلو حضور نبي رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ختم ٿيو. پاڻ ٻنهي جهانن لاءِ رحمت بڻجي تشريف فرما ٿيا. سندن بعثت نہ صرف عربن لاءِ پر سڄي عالمِ انسانيت لاءِ هڪ انقلابي رحمت هئي. قرآن ڪريم ۾ الله تعاليٰ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بعثت جا ڪيترائي واضح ۽ جامع مقصد بيان فرمايا آهن، جيڪي قيامت تائين جي انسانن لاءِ هدايت جا روشن مينار آهن.

## (1) انسانيت کي الله ڏانهن سڏڻ

الله تعاليٰ انسان کي پنهنجي معرفت، عبادت ۽ بندگي لاءِ پيدا ڪيو. پر انسان جي فطري ڪمزوري، نفساني خواهشن ۽ خارجي اثرن سبب ماڻهو بار بار الله جي بندگي کان هٽندا رهيا. ان ڪري هر دور ۾ الله تعاليٰ نبين کي مبعوث فرمايو تہ جيئن اهي انسانن کي رب ڏانهن رجوع ڪرڻ جي دعوت ڏين، ڪين شرڪ ۽ گمراهي مان ڪڍي توحيد ۽ هدايت ڏانهن آڻين. حضور نبي رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي آمد جو بہ اهو هڪ اهم مقصد آهي.

قرآن مجيد ۾ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هن مقصدِ بعثت کي هن طرح بيان فرمايو ويو آهي :

﴿يٰۤاَيُّهَا النَّبِيُّ اِنَّاۤ اَرْسَلْنٰكَ شَاهِدًا وَّ مُبَشِّرًا وَّ نَذِيْرًاۙ(۴۵) وَّ دَاعِيًا اِلَى اللّٰهِ بِاِذْنِهٖ وَ سِرَاجًا مُّنِيْرًا(۴۶)﴾

ترجمو كنزالايمان: اي غيب جون خبرون ٻڌائيندڙ (نبي)! بيشڪ اسان توکي موڪليو حاضر ناظر ۽ خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ. ۽ الله ڏانهن ان جي حڪم سان سڏيندڙ ۽ چمڪائيندڙ سج. (1)

انهن آيتن ۾ رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي جن صفتن سان متعارف ڪرايو ويو آهي، انهن مان هڪ وصف "داعيًا إلى الله" يعني "الله ڏانهن سڏيندڙ" آهي. ۽ هيءَ دعوت

اهڙي دعوت آهي جيڪا الله جي اذن ۽ حڪم سان آهي، نہ ڪنهن ذاتي مفاد، سياسي نظريي يا قومي تعصب جي بنياد تي. انهيءَ دعوت جي وضاحت رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي هن ارشاد ۾ ڪئي آهي جيڪو قرآن ۾ نقل ڪيو آهي:

﴿قُلْ هٰذِهٖ سَبِيْلِيْۤ اَدْعُوْۤا اِلَى اللّٰهِ ؔ عَلٰى بَصِيْرَةٍ اَنَا وَ مَنِ اتَّبَعَنِيْ﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** تون فرماءِ تہ هي منهنجو رستو آهي، مان الله ڏانهن سڏيان ٿو، مان ۽ جيڪي منهنجي پيروي ڪن ٿا، دل جي اکين وارا آهن. [2]

قرآن ڪريم هن دعوت جي فضيلت ڪي بہ بيان فرمايو آهي:

﴿وَ مَنْ اَحْسَنُ قَوْلًا مِّمَّنْ دَعَاۤ اِلَى اللّٰهِ وَ عَمِلَ صَالِحًا﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ ان کان وڌيڪ ڪنهن جي ڳالهہ سٺي آهي جيڪو الله ڏانهن سڏي ۽ نيڪي ڪري. [3]

### (2) قرآنِ ڪريم ۽ حڪمت جي تعليم

رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بعثت جو هڪ مرڪزي مقصد قرآن مجيد بار بار بيان ڪيو آهي، ۽ اهو آهي: ڪتاب الله ۽ حڪمت جي تعليم ڏيڻ. يعني انسانيت کي وحيِ الاهي جي روشني ۾ علم عطا ڪرڻ، ڪين فڪري گمراهين، جاهلاڻي رسمن، باطل عقيدن ۽ يهود و نصاريٰ جي تحريف ٿيل تعليمات مان ڪڍي اهڙي تعليم ڏيڻ جيڪا الله طرفان هجي، جامع هجي، واضح هجي ۽ انسان جي انفرادي ۽ اجتماعي زندگي کي سنواري.

قرآن مجيد جي ڪيترين ئي آيتن ۾ اهو مقصد نهايت وضاحت سان بيان ٿيو آهي. سورت الجمعة ۾ فرمايو ويو آهي:

﴿هُوَ الَّذِيْ بَعَثَ فِي الْاُمِّيّٖنَ رَسُوْلًا مِّنْهُمْ يَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِهٖ وَ يُزَكِّيْهِمْ وَ يُعَلِّمُهُمُ الْكِتٰبَ وَ الْحِكْمَةَ ۗ﴾ **ترجمو ڪنزالايمان:** اهو ئي آهي جنهن اڻ پڙهيلن ۾ انهن مان ئي هڪ رسول موڪليو تہ انهن تي ان جون آيتون پڙهي ٿو ۽ انهن کي پاڪ ڪري ٿو ۽ انهن کي ڪتاب ۽ حڪمت جو علم عطا فرمائي ٿو. [4]

سورت البقره جي آيت 129 پڙهون ٿا تہ خبر پوي ٿي تہ رسولِ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صورت ۾ اهلِ عرب بلڪ سڄي جهان کي جيڪا نعمت ملي آهي اها حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي دعا جو ثمر آهي، ۽ سندن دعا ۾ اهو بہ شامل هو تہ نبي آخرالزمان ماڻهن کي ڪتاب الله ۽ حڪمت جي تعليم ڏيندا، جيئن سورت البقره ۾ آهي:

﴿رَبَّنَا وَ ابْعَثْ فِيْهِمْ رَسُوْلًا مِّنْهُمْ يَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِكَ وَ يُعَلِّمُهُمُ الْكِتٰبَ وَ الْحِكْمَةَ وَ يُزَكِّيْهِمْ﴾ **ترجمو ڪنزالايمان:** اي اسان جا رب! ۽ انهن ۾ هڪ رسول موڪل انهن مان ئي تہ انهن تي تنهنجون

آيتون تلاوت فرمائي ۽ انهن کي تنهنجو ڪتاب ۽ پختو علم سيکاري ۽ انهن کي خوب صاف سٿرو فرمائي. (5)

۽ پوءِ انهيءَ دعا جي قبوليت سورة آل عمران جي آيت 164 ۾ ذڪر ٿيل آهي:

﴿لَقَدْ مَنَّ اللّٰهُ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ اِذْ بَعَثَ فِيْهِمْ رَسُوْلًا مِّنْ اَنْفُسِهِمْ يَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِهٖ وَيُزَكِّيْهِمْ وَيُعَلِّمُهُمُ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ ۚ وَاِنْ كَانُوْا مِنْ قَبْلُ لَفِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ (۱۶۴)﴾ ترجمو ڪنزالايمان: بيشڪ الله جو وڏو احسان ٿيو مسلمانن تي ته انهن ۾ انهن مان ئي هڪ رسول موڪليو جيڪو انهن تي ان جون آيتون پڙهي ٿو ۽ انهن کي پاڪ ڪري ٿو ۽ انهن کي ڪتاب ۽ حڪمت سيکاري ٿو ۽ اهي ضرور ان کان اڳ پڌري گمراهي ۾ هئا. (6)

رسولِ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حڪمِ الاهي مطابق قرآن جي تعليم ڏني ۽ دانائي ۽ حڪمت سيکاري، بلڪ حڪمت جي اهميت کي "اَلْحِكْمَةُ ضَالَّةُ الْمُؤْمِنِ" (7) (حڪمت مؤمن جي وڃايل ميراث آهي) فرمايو ته هر مسلمان لاءِ اجاگر فرمايو.

اهو رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تعليم ۽ تربيت ۽ حڪمت ۽ دانائي ئي هئي جو مسلمان ڪجهه ئي سالن ۾ اسلام جو پيغام ڪٽي 22 لک چورس ميل ڪان به اڳتي پهچي ويا.

هيءَ تعليم صرف لفظن جي ادائيگي يا ڪتاب خواني نه هئي، بلڪ هڪ جامع فڪري، روحاني ۽ عملي تربيت هئي. جنهن کي مفتي نعيم الدين مراد آبادي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه نفس جي قوتِ عمليه ۽ علميه جي تڪميل سان تعبير فرمايو آهي. رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قرآن جي تعليم کي دلين ۾ راسخ ڪيو ۽ ان تي عمل جو شعور پيدا ڪيو، ۽ امت لاءِ هڪ جيئرو جاڳندو مثال بڻجي خود ان تعليم جو عملي نمونو بڻيا. اهو ئي سبب آهي جو حضرت عائشه رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا فرمايو: "كَانَ خُلُقُهُ الْقُرْآنَ" (8) يعني پاڪ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو اخلاق قرآن هو. تعليمِ قرآن ۽ حڪمت کي صرف پنهنجي ذات سان ئي وابسته نه رکيو بلڪ امت کي قرآن ڪريم سيکارڻ ۽ اڳتي پهچائڻ جي ترغيب ڏني، ذهن سازي فرمائي، ايتري قدر جو امت قرآن ڪريم جي حڪمت سان ڀرپور تعليمات کي هزارين تفسيرن جي صورت ۾ عام ڪيو.

### (3) تزڪيہ نفس ۽ اخلاقي تربيت

انساني وجود صرف جسم ۽ عقل جو مجموعو ناهي، بلڪ ان ۾ هڪ باطن به آهي. جنهن کي روح، قلب، نفس سان تعبير ڪيو ويندو آهي. جيڪڏهن اهو باطن پاڪ هجي ته انسان خير، عدل، اخلاص ۽

انسانيت جي راهہ تي گامزن ٿيندو آهي، ۽ جيڪڏهن اهو باطن فاسد ٿي وڃي تہ انسان چاهي ڪيترو بہ عقل يا طاقت رکندڙ هجي، اهو فساد، ظلم ۽ خودپرستيءَ جي دلدل ۾ ڪرندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو انبياء ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام جي بعثت جو هڪ بنيادي هدف تزڪيہ يعني انسان جي نفس ۽ روح کي پاڪ ڪرڻ، ان جي اخلاق کي سنوارڻ ۽ ان کي طهارتِ باطن سان روشناس ڪرائڻ هو. بلڪل اهو ئي مقصد رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بعثت جو بہ هڪ مستقل ۽ نمايان پهلو (پاسو) آهي.

قرآن مجيد ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي ”تزڪيہ“ کي نبي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بعثت جي مقصد طور بيان فرمايو ويو آهي، سورت البقره جي آيت 151 ۾ فرمايو ويو آهي:

﴿كَمَاۤ اَرۡسَلۡنَا فِيۡكُمۡ رَسُوۡلًا مِّنۡكُمۡ يَتۡلُوۡا عَلَيۡكُمۡ اٰيٰتِنَا وَ يُزَكِّيۡكُمۡ وَ يُعَلِّمُكُمُ الۡكِتٰبَ وَ الۡحِكۡمَةَ وَ يُعَلِّمُكُمۡ مَّا لَمۡ تَكُوۡنُوۡا تَعۡلَمُوۡنَ ﴿۱۵۱﴾﴾

ترجمو ڪنز الايمان: جيئن اسان توهان ۾ موڪليو هڪ رسول توهان مان ئي تہ توهان تي اسان جون آيتون تلاوت فرمائي ٿو ۽ توهان کي پاڪ ڪري ٿو ۽ ڪتاب ۽ پختو علم سيکاري ٿو ۽ توهان کي اهو تعليم فرمائي ٿو جنهن جو توهان کي علم نہ هو.

[9] هتي ”يُزَكِّيۡكُمۡ“ يعني ”توهان کي پاڪ ڪري ٿو“ کي ”تلاوت“ ۽ ”تعليم“ جي وچ ۾ الڳ ۽ مستقل طور تي ذڪر ڪيو ويو آهي، جيڪو ان جي اهميت کي ظاهر ڪري ٿو.

اهو ئي مفهوم سورت الجمعة، سورت آل عمران ۽ سورت البقره ۾ بہ ٻڌايو ويو آهي. انهن سڀني آيتن مان واضح ٿئي ٿو تہ بعثتِ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو صرف علمي رُخ نہ پر روحاني اصلاح ۽ اخلاقي تربيت بہ هن مشن جو بنيادي رڪن آهي.

تزڪيہ جو مفهوم قرآن جي روشني ۾ وسيع آهي. ان ۾ ايمان جي تقويت، شرڪ کان نجات، دل جي صفائي، نيت جي اصلاح، عملن ۾ خلوص، زبان جي پاڪيزگي، نظر جو حياء، نفس جي تهذيب ۽ اخلاقِ حسنہ جي تربيت شامل آهي. رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زندگي هن تزڪيہ جو جيئرو جاڳندو نمونو هئي. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”اِنَّمَا بُعِثۡتُ لِاُتَمِّمَ مَكَارِمَ الۡاَخۡلَاقِ“ [10] (مون کي تہ اخلاقِ حسنہ جي تڪميل لاءِ موڪليو ويو آهي). هيءَ حديث تزڪيہ جي جامع ترين تعبير آهي، جنهن ۾ اخلاقي تطهير، معاشرتي اصلاح، باطني صفائي ۽ اعليٰ ڪردار کي نبوت جو

مقصد قرار ڏنو ويو.

نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سيرت جو مطالعو ڪجي تہ اها حقيقت ايري اچي ٿي تہ پاڻ بدترين اخلاق ۾ مبتلا فردن کي بهترين انسانن ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. جيڪي ماڻهو ڪوڙ، شراب، زنا، جهالت، ظلم، انتقام، تعصب ۽ مال پرستي ۾ ٻڏل هئا، اهي پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وسلّم جي صحبت ۽ تعليم سان سچائي، حيا، عفت، عدل، تقويٰ، رواداري ۽ سخاوت جي علامت بڻجي ويا.

اڄ جي ماديت جي دور ۾ جڏهن تعليم تہ آهي پر تربيت ناهي، معلومات تہ آهي پر اخلاق ناپيد، ترقي تہ آهي پر روحاني سڪون نہ آهي. اسان کي گهرجي تہ نبوي تزڪيہ جي اصولن کي انفرادي زندگي کان وٺي اجتماعي نظام تائين نافذ ڪريون، تہ جيئن انسانيت فتنن مان نڪري طهارت، محبت، امن ۽ نور ڏانهن موٽي.

### (4) فريضہ تبليغ جي ادائيگي

آمدِ سرورِ ڪائنات صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هڪ اهم ۽ بنيادي مقصد تبليغ پيغامِ الاهي آهي. يعني جيڪو ڪجهہ الله طرفان نازل ٿيو، ان کي پوري ديانت، وضاحت ۽ استقامت سان، بغير ڪنهن خوف، لالچ يا مصلحت جي ماڻهن تائين پهچائڻ.

قرآن مجيد ۾ هن فريضي کي وڏي عظمت سان بيان ڪيو ويو آهي. سورة المائدة جي آيت 67 ۾ ارشاد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم باري تعاليٰ آهي:

﴿يٰۤاَيُّهَا الرَّسُوْلُ بَلِّغْ مَاۤ اُنْزِلَ اِلَيْكَ مِنْ رَّبِّكَ ؕ وَ اِنْ لَّمْ تَفْعَلْ فَمَا بَلَّغْتَ رِسَالَتَهٗ ؕ وَ اللّٰهُ يَعْصِمُكَ مِنَ النَّاسِ ؕ﴾

ترجمو ڪنزالايمان: اي رسول! پهچائي ڏي جيڪو ڪجهہ تو ڏانهن تنهنجي رب طرفان نازل ٿيو ۽ جيڪڏهن ائين نہ ڪيئي تہ تو ان جو ڪو بہ پيغام نہ پهچايو ۽ الله تنهنجي نگهباني ڪندو ماڻهن کان، بيشڪ الله ڪافرن کي راهہ نہ ڏيندو. (11)

تبليغ ڪو عام عمل ناهي بلڪ منصبِ رسالت جو عين جوهر آهي. پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي صرف ڪتاب وٺڻ وارو يا حاملِ وحي نہ بڻايو ويو، بلڪ ان وحي کي ماڻهن تائين پهچائڻ وارو، ۽ اهو بہ بغير خوف ۽ ڪمزوري جي، بڻايو ويو.

رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پوري سيرت هن آيت جي عملي تفسير آهي. مڪي جي گهٽ، طائف جو پٿراءُ، بدر ۽ احد جي خونريزي، منافقن جون سازشون، يهودين جي مڪّاري، مشرڪن جي دشمني ۽ قريش جو شديد ردعمل، انهن سڀني جي باوجود پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تبليغ

جو فريضو جاري رکيو. پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اڪيلائي ۾ به تبليغ ڪئي، مجمع ۾ به، حج جي ميدانن ۾ به، بازارن ۾ به، ۽ ڪفار جي سردارن، قبائلي وفدن، بادشاهن ۽ عام ماڻهن تائين به. تبليغ جي وسعت ۽ جامعيت جو اهو عالم هو جو پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نه صرف قريش ۽ اهلِ مڪه کي، بلڪ روم ۽ فارس جي سلطانن کي خط لکي اسلام جي دعوت ڏني.

رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هن منصب ۽ مقصد بعثت کي ڪيترين ئي آيتن ۾ بيان فرمايو ويو آهي، سورت النحل جي آيت 82 ۾ فرمايو ويو آهي: ﴿فَاِنْ تَوَلَّوْا فَاِنَّمَا عَلَيْكَ الْبَلٰغُ الْمُبِيْنُ﴾ ترجمو ڪنز الايمان: پوءِ اي محبوب! تو تي نه آهي پر صاف پهچائڻ.[12] ۽ سورت النازعات ۾ آهي: ﴿اِنَّمَاۤ اَنْتَ مُنْذِرُ مَنْ يَّخْشٰىهَا﴾ ترجمو ڪنز الايمان: تون ته فقط ان کي ديڄاريندڙ آهين جيڪو ان کان ڊڄي.

رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن ذميواري کي ان ڪمال سان ادا فرمايو جو حجة الوداع جي موقعي تي جڏهن پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم لکين صحابه جي مجمع ۾ فرمايو: ”هَلْ بَلَّغْتُ “ (ڇا مون پيغام پهچايو؟) ته سيني جواب ڏنو: ”نعم“ (ها). پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”اَللّٰهُمَّ اشْهَدْ“ (اي الله! تون گواهه رهه).[13]

تبليغ جي هن ذميواري ۾ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي استقامت ۽ اخلاص جو اهو عالم هو جو قرآن فرمايو: ﴿لَعَلَّكَ بَاخِعٌ نَّفْسَكَ اَلَّا يَكُوْنُوْا مُؤْمِنِيْنَ﴾ ترجمو ڪنز الايمان: (اي حبيب) ڪٿي تون پنهنجي جان کي ختم نه ڪري ڇڏين انهن جي غم ۾ ته اهي ايمان نٿا آڻين.[14]

الحمدلله اسان نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا سچا امتي ۽ پيروڪار آهيون ته اسان کي به پنهنجي طاقت، علم، ڪردار ۽ ذريعن مطابق پيغامِ الاهي کي واضح، حڪيمانه ۽ مؤثر انداز ۾ ٻين تائين پهچائڻو پوندو. اها ئي بعثت جي تڪميل آهي، اهو ئي نبوي امانت جو حق آهي، ۽ اهو ئي قيامت جي ڏينهن اسان جي نجات جو بنياد بڻجي سگهي ٿو.

### (5) قرآن ۽ وحي الاهي جي تلاوت

انبياءِ ڪرام جي بعثت جو هڪ نمايان مقصد هميشه اهو رهيو آهي ته اهي الله جي نازل ڪيل ڪلام کي انسانن تائين پهچائن. رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيڪي نبوت جي سلسلي جا آخري ۽ ڪامل ترين فرد آهن، انهن جي بعثت جو هڪ اهم ترين

مقصد وحيِ الاهي، خاص طور تي قرآن ڪريم جي تلاوت ڪرڻ هو. قرآن ڪريم ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بعثت جي جن فرضن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، انهن ۾ ”آيتن جي تلاوت“ کي نهايت نمايان حيثيت ڏني وئي آهي. سورت البقره ۾ ارشاد ٿئي ٿو: ﴿رَبَّنَا وَ ابْعَثْ فِيْهِمْ رَسُوْلًا مِّنْهُمْ يَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِكَ﴾ ترجمو ڪنزالايمان: اي اسان جا رب! ۽ انهن ۾ هڪ رسول موڪل انهن مان ئي ته انهن تي تنهنجون آيتون تلاوت فرمائي. (15)

هيءَ دعا حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام ڪئي هئي، ۽ ان جي قبوليت سورت آل عمران ۾ هنن لفظن سان بيان ڪئي وئي آهي: ﴿لَقَدْ مَنَّ اللّٰهُ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ اِذْ بَعَثَ فِيْهِمْ رَسُوْلًا مِّنْ اَنْفُسِهِمْ يَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِهٖ﴾ ترجمو ڪنزالايمان: بيشڪ الله جو وڏو احسان ٿيو مسلمانن تي ته انهن ۾ انهن مان ئي هڪ رسول موڪليو جيڪو انهن تي ان جون آيتون پڙهي ٿو. (16)

رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي جڏهن به ڪا نئين وحي نازل ٿيندي هئي، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي فوري طور تي ماڻهن کي ٻڌائيندا هئا. ڪيترن ئي موقعن تي قرآن پاڻ هن عمل کي بيان ڪيو آهي. مثال طور سورة الاعلیٰ ۾ فرمايو ويو آهي: ﴿سَنُقْرِئُكَ فَلَا تَنْسٰۤى ﴾ ترجمو ڪنزالايمان: هاڻي اسان توکي پڙهائينداسين ته تون نه وساريندين. (17) ۽ سورت القيامه ۾: ﴿لَا تُحَرِّكْ بِهٖ لِسَانَكَ لِتَعْجَلَ بِهٖ اِنَّ عَلَيْنَا جَمْعَهٗ وَ قُرْاٰنَهٗ﴾ ترجمو: ڪنزالعرفان تون ياد ڪرڻ جي جلدي ۾ قرآن سان گڏ پنهنجي زبان کي نه چُور. (18)

پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو اندازِ تلاوت، وقار، ترتيب، ٺهراءُ ۽ تاثير صحابه جي دلين کي لرزائي ڇڏيندو هو. حضرت عبدالله بن مسعود، حضرت ابي بن ڪعب، حضرت زيد بن ثابت جهڙا وحي جا قاري پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان سڌو سنئون قرآن ٻڌندا هئا ۽ اڳتي امت کي پهچائيندا هئا. تلاوتِ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اها خصوصيت صرف لفظن جي ادائيگي نه هئي بلڪ هڪ دعوتي عمل هو جنهن ۾ حڪمت، تدبر، تعليم، اصلاح ۽ بصيرت شامل هئي. سورة الفرقان ۾ الله تعالیٰ فرمايو: ﴿وَ قُرْاٰنًا فَرَقْنٰهُ لِتَقْرَاَهٗ عَلَى النَّاسِ عَلٰى مُكْثٍ﴾ ترجمو ڪنزالايمان: ۽ اسان قرآن جدا جدا ڪري لاٿو ته جيئن تون انسانن تي ان کي آهستي آهستي پڙهين(19) رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تلاوتِ قرآن ۾ اهڙي تاثير هئي جو ڪفار

۾ ڪڏهن ڪڏهن لکي ٻڌندا هئا ۽ هڪ ڀيرو سورة النجم جي تلاوت تي ڪفارِ مڪ ۾ سجدي ۾ ڪري پيا. هڪ ڀيري ڪفارِ مڪ عتبہ بن ربيعہ کي رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ڳالهائڻ ۽ اسلام جي تبليغ روڪڻ تي آماده ڪرڻ لاءِ موڪليو. جڏهن هن پنهنجو مدعا بيان ڪيو تہ رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سورة حٰمۤ السجدة جي تلاوت شروع فرمائي. پاڻ تلاوت فرمائيندا رهيا ۽ عتبہ تعجب خيز انداز ۾ پنهنجا ٻئي هٿ زمين تي رکي پاڻ کي ڏسندو رهيو ۽ سندن تلاوت ٻڌندو رهيو. جڏهن پاڻ هن آيت

﴿فَاِنْ اَعْرَضُوْا فَقُلْ اَنْذَرْتُكُمْ صٰعِقَةً مِّثْلَ صٰعِقَةِ عَادٍ وَّ ثَمُوْدَ ﴿۱۳﴾﴾


(ترجمو ڪنزالايمان: پوءِ جيڪڏهن اهي منهن موڙين تہ تون فرماءِ تہ مان توهان کي هڪ گرجندڙ ڪڙڪ کان ڊيڄاريان ٿو جهڙي ڪنوڻ عاد ۽ ثمود وٽ آئي هئي.)

تي پهتا تہ عتبہ پنهنجو هٿ سندن مبارڪ وات تي رکي ڇڏيو ۽ ڪين قسم ڏئي چوڻ لڳو: اوهان اڳتي نہ پڙهو، اسان تي رحم فرمايو. ان کي ڊپ ٿيو تہ ڪٿي قومِ عاد ۽ ثمود وانگر هتي بہ ڪو عذاب نہ اچي وڃي. ان کان پوءِ بہ پاڻ تلاوت جاري رکي. آيتِ سجده پڙهڻ کان پوءِ پاڻ سجدۂ تلاوت بہ ادا فرمايو، ان کان پوءِ سورت جي خاتمي تائين تلاوت فرمائي ۽ عتبہ کي فرمايائون تہ اي عتبہ! توکي جيڪو ٻڌڻو هو اهو ٻڌي چڪين، باقي توکي اختيار آهي. عتبہ جڏهن سندن وٽان بد حواس ٿي روانو ٿيو تہ سندن چهرو پيلو ٿي چڪو هو. (20)

جاري آهي...

---

(1) پ 22،الاحزاب: 45،46
(2) پ13،يوسف: 108
(3) پ24،حٰمٓ السجدة : 33
(4) پ28،الجمعة: 2
(5) پ1، البقرة:129
(6) پ3،اٰلِ عمرٰن:164
(7) ترمذی،314/4، حديث:2696
(8) مسنداحمد،512/9،حديث:25357
(9) پ2، البقرة :151
(10) سنن الكبرى للبيهقى، 10/ 323،حديث:20782
(11) پ6،المائدة:67
(12) پ14، النحل:82
(13) مسلم،ص712، حديث:4386
(14) پ 19،الشعراء: 3
(15) پ 1،البقره: 129
(16) پ4،آل عمران: 164
(17) پ29،القيٰمة:16،17
(18) پ29،القيٰمة:16،17
(19) پ15،بنی اسرائيل:106
(20) دلائل النبوة للبيہقى،203/2



# اعليٰ اخلاق جي تڪميل ڪندڙ نبي

محمد جاويد عطاري مدني

اسان جي پياري نبي حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”اِنَّمَا بُعِثْتُ لِاُتَمِّمَ مَكَارِمَ الْاَخْلَاقِ“ يعني مون کي اعليٰ اخلاق جي تڪميل لاءِ موڪليو ويو آهي. (سنن ڪبريٰ للبيهقي، 323/10، حديث: 20782)

هي حديث شريف ”جَوامعُ الْكَلِم“ حديثن مان هڪ آهي، ”جَوامعُ الْكَلِم“ اهي حديثون آهن جن ۾ لفظ گهٽ ۽ مفهوم وڌيڪ بيان ڪيو ويو هجي.

هن حديثِ پاڪ ۾ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي آمد جو مقصد پاڻ بيان فرمايو آهي ته مان ماڻهن کي سٺو انسان بڻائڻ لاءِ، سٺن اخلاقن جي تعليم ڏيڻ لاءِ آيو آهيان.

اسان جي پياري نبي جي آمد جو مهينو ربيع الاول هلي رهيو آهي، هن مبارڪ مهيني ۾ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي خوش ڪرڻ لاءِ توهان به اهڙا سٺا اخلاق اپنايو جن کي اسان جي نبي اپنايو ۽ انهن جو درس ڏنو. هتي ڪجهه سٺا اخلاق ذڪر ڪيا پيا وڃن:

(1) والدين ۽ وڏن جو ادب ۽ احترام ڪرڻ جو درس حضور عَلَيْهِ السَّلَام ڏنو، تنهنڪري ٻار وڏن جي عزت ڪن، والدين جي ڳالهه مڃن ۽ انهن جي دل خوش ڪري ثواب ڪمائن.

(2) اسان جا پيارا نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سچ ڳالهائڻ وارا ۽ اَمين (يعني امانتدار) هئا، غير مسلم جن اسان جي نبي تي ايمان نه آندو هو اهي به پنهنجون امانتون پاڻ سڳورن وٽ رکرائيندا هئا ۽ کين ”صادق ۽ اَمين“ (سچ ڳالهائڻ وارو ۽ امانتن جي حفاظت ڪرڻ وارو) چوندا هئا. امانت جو مثال هي آهي ته ڪو دوست توهان کي پنهنجو ڪتاب، رانديڪو گاڏي وغيره ڏئي ۽ چوي ته واپس ڪجانءِ ته توهان بغير ٽوڙ ڦوڙ جي صحيح سلامت واپس ڪري ڇڏيو ته اها امانتداري آهي.

(3) الله پاڪ جا آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم واعدي جا پڪا هئا، پاڻ سڳورن ڪڏهن به واعدي خلافي نه ڪئي، اوهان به جيڪو واعدو ڪريو ان کي پورو ڪريو.

(4) نبي اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کاڌي ۾ عيب نه ڪيندا هئا بلڪ کاڌو پسند ايندو هو ته کائي وٺندا هئا نه ته هٿ روڪي ڇڏيندا هئا، ٻارن کي به گهرجي ته کاڌي ۾ عيب نه ڪين مثال طور ائين نه چون: کاڌو سٺو ناهي، لوڻ، مرچ وڌيڪ آهي، وغيره وغيره.

(5) پياري رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪنهن جو مذاق نه اڏايو نه ڪنهن کي طعنو ڏنو نه ڪنهن کي گاريون ڏنيون ۽ نه ئي ڪنهن جو نالو

بگاڙيو، تنهنڪري توهان بہ انهن شين کان بچو ۽ پياري نبي جي طريقي کي اپنايو.

سنا ٻارو! ميلاد جو اصل مقصد اهو ئي آهي تہ اسان پنهنجي پياري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مبارڪ زندگي کي پڙهي ان جي مطابق پنهنجي زندگي گذاريون، اها ئي ڪاميابي آهي، رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مختصر سيرت پڙهڻ لاءِ مڪتبة المدينہ جو ڪتاب ”آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پياري سيرت“ پڙهو.

الله پاڪ اسان کي پنهنجي پياري ۽ آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سيرت پڙهي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم.




# تجارت جا احڪام

مفتي ابو محمد علي اصغر عطاري مدني

جيڪڏهن توهان ڪاروباري مسئلن بابت ڪجھ پڇڻ چاهيو ٿا ته هيٺ ڏنل اي ميل ايڊريس تي پنهنجو سوال لکي موڪليندا. iec@daruliftaahlesunnat.net

## شيءِ وڪڻڻ جو واعدو ڪرڻ ڪانپوءِ نه وڪڻڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** هن مسئلي بابت علماءِ ڪرام ڇا ٿا فرمائن ته مون پنهنجي دوست سان ائين طئي ڪيو هو ته مان توهان کي ڏهن ڏينهن ڪانپوءِ موٽرسائيڪل وڪرو ڪندس. اڃا صرف معاهدو ئي ٿيو هو، قيمت مان مون ڪجھ به وصول نه ڪيو هو. ڪجھ ڏينهن ڪانپوءِ قيمتن ۾ 25 سيڪڙو اضافو ٿيو، جنهن سبب هاڻي منهنجو وڪڻڻ جو ارادو ناهي ڇو ته هاڻي مون کي نقصان ٿيندو. معاهدي جي وقت منهنجو پڪو ارادو هو ته مان وڪرو ڪندس پر مون کي اهو اندازو نه هو ته قيمتون ايتريون وڌي وينديون. جڏهن ته اهو دوست خريد ڪرڻ تي ضد ڪري رهيو آهي ڇو ته جيڪڏهن هو مارڪيٽ جي اڳھ تي خريد ڪري ٿو ته ان کي موٽرسائيڪل 125,000 ۾ خريد ڪرڻي پوندي، جڏهن ته جيڪڏهن هو مون کان وٺندو ته منهنجي ڪيل واعدي موجب ان کي 100,000 ۾ پوندي. اوهان رهنمائي فرمايو ته هي جيڪو مون وڪري جو واعدو ڪيو هو، شرعي طور ان کان ڦرڻ ڪيئن آهي؟

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

**جواب:** مستقبل جا لفظ استعمال ڪندي ائين چوڻ ته ”مان هيءَ شيءِ توکي وڪرو ڪندس“ يا ”فلاڻي شيءِ مان خريد ڪندس“، اهو حقيقي طور وڪرو (بيع) ناهي پر وڪري جو واعدو (وعدهِ بيع) آهي. ڇو ته شرعي قانون موجب وڪري جي معاهدي (انشاءِ بيع) لاءِ ضروري آهي ته معاهدو ڪندڙ ٻنهي ڌرين مان هر هڪ يا ته ماضيءَ جو لفظ استعمال ڪري، مثال طور: وڪيم، خريد ڪيم. يا ٻئي ڌريون حال جا لفظ استعمال ڪن، مثال طور: وڪرو ڪريان ٿو، خريد ڪريان ٿو. يا هڪ ماضيءَ جو ۽ ٻيو حال جو، مثال طور: وڪيم، خريد ڪريان ٿو. جيڪڏهن ڪنهن مستقبل جا صيغا استعمال ڪيا جن مان عام طور تي معاهدو ڪرڻ جو ارادو نه ڪيو ويندو هجي ته پوءِ اهو معاهدو وڪري جو معاهدو (عقد

البيع) نہ ٿيندو. جيئن تہ واعدي جي وقت توهان جو ارادو پورو ڪرڻ جو هو ۽ هئڻ بہ ائين گهرجي چو تہ شريعت مطهره واعدن کي پورو ڪرڻ پسند فرمائي ٿي. پر نقصان کان بچڻ لاءِ هاڻي توهان اهو واعدو پورو نٿا ڪرڻ چاهيو، ان ڪري توهان گنهگار بہ نہ ٿيندا.

الله تعاليٰ ارشاد فرمائي ٿو: ”يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا اَوْفُوْا بِالْعُقُوْدِ“ **ترجمو ڪنز الايمان:** اي ايمان وارؤ! پنهنجا قول (عهد) پورا ڪريو.

(پاره 6، سورة المائده، آيت 1)

صدر الشريعہ مفتي امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: ”ٻنهي جا لفظ ماضيءَ جا هجن جيئن ’خريد ڪيم‘، ’وڪيم‘، يا ٻئي حال جا هجن جيئن ’خريد ڪريان ٿو‘، ’وڪرو ڪريان ٿو‘ يا هڪ ماضيءَ جو ۽ هڪ حال جو هجي، مثال طور هڪڙي چيو ’وڪرو ڪريان ٿو‘ ٻئي چيو ’خريد ڪيم‘. مستقبل جي صيغي سان وڪرو نہ ٿو ٿي سگهي، ٻنهي جا لفظ مستقبل جا هجن يا هڪ جو، مثال طور: ’خريد ڪندس‘، ’وڪرو ڪندس‘، چو تہ مستقبل جو لفظ ايندڙ وقت ۾ معاهدو ڪرڻ جي ارادي تي دلالت ڪري ٿو، في الحال معاهدي کي ثابت نٿو ڪري.“

(بهار شريعت، جلد 2، صفحو 618، مڪتبة المدينه)

اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ارشاد فرمائن ٿا: ”واعدي خلافي، جنهن جون ٽي صورتون آهن: جيڪڏهن واعدو رڳو زباني طور دنيا سازيءَ لاءِ ڪيو ويو هجي ۽ ان ئي وقت دل ۾ هجي تہ وفا نہ ڪبو تہ بغير شرعي ضرورت ۽ مجبوريءَ جي حالت جي سخت گناه ۽ حرام آهي. اهڙي واعدي خلافيءَ کي حديث ۾ نفاق جي نشانين مان شمار ڪيو ويو آهي... ۽ جيڪڏهن واعدو سچي دل سان ڪيو، پوءِ ڪو مقبول عذر ۽ معقول سبب پيدا ٿيو تہ وفا نہ ڪرڻ ۾ ڪو حرج ناهي، بلڪ معمولي ڪراهت بہ ناهي جڏهن تہ ان عذر ۽ مصلحت کي ان واعدي جي وفاداريءَ جي خوبيءَ ۽ فضيلت تي ترجيح هجي... ۽ جيڪڏهن ڪو عذر ۽ مصلحت ناهي ۽ بي وجهي نسبت ٽوڙي وڃي ٿي تہ اها صورت مڪروه تنزيهي آهي... هي ڳالهہ ان حالت ۾ بيجا ۽ مروت جي خلاف آهي، پر حرام ۽ گناه ناهي. حضور سيد العالمين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: ’واعدي خلافي اها ناهي تہ ماڻهو واعدو ڪري ۽ ان جي نيت ان واعدي کي پورو ڪرڻ جي هجي، بلڪ واعدي خلافي اها آهي تہ ماڻهو واعدو ڪري ۽ ان جي نيت واعدو پورو ڪرڻ جي نہ هجي.“

(فتاويٰ رضويه ملتقطاً، جلد 12، صفحو 281 کان 283، رضا فائونڊيشن لاهور)

وَاللهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## گهر جون قسطون مڪمل ٿيڻ کان پهريان اڳتي ڪرائي تي ڏيڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** هن مسئلي بابت علماءِ ڪرام ڇا ٿا

فرمائن تہ زيد، بڪر ڪان هڪ گھر پندرهن لک رپين ۾ قسطن تي خريد ڪرڻ چاهي ٿو، جنھن مان ڏھ لک رپيا زيد خريداري جي وقت ادا ڪندو ۽ پنج لک رپيا هڪ طئي ٿيل مدت ۾ قسطن ۾ ادا ڪندو. ڏھ لک رپيا ادا ڪرڻ ڪانپوءِ زيد اهو گھر پنھنجي قبضي ۾ وٺي ڪرائي تي ڏئي ڇڏيندو ۽ ان مان حاصل ٿيندڙ ڪرائي مان بڪر کي گھر جي باقي قيمت قسطن جي صورت ۾ ادا ڪندو. منھنجو سوال اهو آهي تہ ڇا زيد جو گھر جون مڪمل قسطون ادا ڪرڻ کان اڳ گھر ڪرائي تي ڏيڻ جائز آهي؟

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

**جواب:** پڇيل صورت ۾ مڪمل قسطون ادا ڪرڻ ڪانسواءِ بہ زيد جو مذڪوره گھر کي ڪرائي تي ڏيڻ جائز آهي.

هن مسئلي جو تفصيل ڪجھ هن ريت آهي تہ وڪري جو معاهدو (عقدِ بيع) فقط درست ايجاب ۽ قبول (Offer and Acceptance) جي ذريعي ٿي ويندو آهي، جنھن ڪانپوءِ خريدار وڪرو ٿيل شيءِ (مبيع/Goods) جو ۽ وڪرو ڪندڙ قيمت (ثمن/Price) جو مالڪ ٿي ويندو آهي. پوءِ قيمت جي ادائگي ڪڏهن نقد ڪئي ويندي آهي ۽ ڪڏهن اُڌار قسطن جي صورت ۾ ڪئي ويندي آهي. قيمت جي ادائگي نقد ڪئي وڃي يا قسطن ۾، ٻنهي صورتن ۾ وڪرو درست هوندو آهي ۽ خريدار وڪرو ٿيل شيءِ جو مالڪ بڻجي ويندو آهي. جڏهن خريداري مڪمل طور تي اُڌار تي هجي يا ڪجھ رقم اُڌار هجي تہ وڪرو ڪندڙ کي رقم ملڻ کان پهريان شيءِ روڪڻ جو اختيار بہ نہ هوندو آهي. ان ڪري پڇيل صورت ۾ جڏهن زيد، بڪر کان مذڪوره گھر خريد ڪري وٺندو، ٻنهي ۾ ايجاب ۽ قبول ٿي ويندو، تہ زيد گھر جو مالڪ ٿي ويندو. گھر تي قبضو ڪرڻ ڪانپوءِ هو ان گھر کي ڪرائي تي ڏئي سگھي ٿو، جيتوڻيڪ ان خريداريءَ ۾ قيمت قسطن ۾ ادا ڪرڻ طئي ٿيو هجي.

وڪري جو حڪم بيان ڪندي بهار شريعت ۾ آهي: "بيع جو حڪم اهو آهي تہ خريدار وڪرو ٿيل شيءِ جو مالڪ ٿي وڃي ۽ وڪرو ڪندڙ قيمت جو."

(بهار شريعت، جلد 2، صفحو 617، مڪتبة المدينہ ڪراچي)

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ڪاروباري مسئلا ڄاڻڻ لاءِ اسان جي ويب سائيٽ www.iecdawateislami.com جي ذريعي Take Appointment پورٽل تي لاگ اِن ٿي Appointment وٺي سگھو ٿا.



# اسلامي ڀينرن جا شرعي مسئلا

**مفتي ابو محمد علي اصغر عطاري مدني**

## (1) احرام جي حالت ۾ عورت جي مٿي جا ڪجهه وار کلي وڃن ته پوءِ؟

**سوال:** هن مسئلي بابت عالم سڳورا ڇا ٿا فرمائن ته جيڪڏهن عورت احرام جي حالت ۾ هجي ۽ ان جي مٿي جي وارن تان اسڪارف وغيره هٽي وڃي ۽ ان جا وار نظر اچڻ شروع ٿي وڃن، پوءِ خبر پوڻ تي عورت انهن وارن کي لڪائي ڇڏي، ته هاڻي ان عورت لاءِ ڪهڙو حڪم هوندو؟ ان تي دم يا صدقو وغيره لازمي ٿيندو يا نه؟

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

عورت جا وار ستر ۾ شامل آهن ۽ احرام جي حالت ۾ ستر کلي وڃي ته ڪو ڪفارو لازمي ناهي. البت، نامحرم جي سامهون ڄاڻي واڻي ستر جو ڪو به حصو ظاهر ڪرڻ حرام آهي ۽ پوري احتياط سان وار ڍڪيل هئا پر ڪڏهن ظاهر ٿيا اها خبر نه پئي ته ان تي ڪا پڪڙ ناهي.

ياد رهي ته طواف ڪهڙو به هجي، مرد ۽ عورت کي پنهنجي تفصيل موجب جيڪي به ستر جا عضوا آهن انهن کي ڍڪڻ واجب آهي. ۽ کلڻ واري حصي جي مقدار ۽ طواف جي قسمن جي حوالي سان ڪفارو هجڻ يا نه هجڻ ۽ ان جي قسمن ۾ ڪافي تفصيل آهي.

(الهداية، 277/1-بهار شريعت، 483/1)

وَاللّٰهُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَرَسُوۡلُهٗ اَعۡلَم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## (2) عورت مهر جي رقم جي زڪوات ڪڏهن ادا ڪندي؟

**سوال:** هن مسئلي بابت عالم سڳورا ڇا ٿا فرمائن ته منهنجي شادي کي اٺ سال ٿي چڪا آهن، منهنجو حق مهر پنجاه هزار هو جيڪو اڃا تائين منهنجي مڙس ادا ناهي ڪيو ۽ نه ئي مون گهريو آهي، مان صاحبِ نصاب آهيان ۽ هر سال زڪوات ادا ڪندي آهيان، سوال اهو آهي ته حق مهر جا پنجاه هزار جيڪي مون کي ناهن مليا، اهي زڪوات ادا ڪرڻ وقت نصاب ۾ شامل ڪنديس يا نه؟

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

پڇيل صورت ۾، حق مهر جيڪو اڃا تائين ادا ناهي ڪيو ويو، فقهي لحاظ کان اهو 'دينِ ضعيف' آهي ۽ 'دينِ ضعيف' ۾ زڪوات ان وقت لازمي ٿيندي آهي جڏهن ان تي قبضو ڪرڻ کان پوءِ سال گذري وڃي يا ان ئي قسم جو ٻيو ڪو نصاب موجود هجي ۽ ان تي سال پورو ٿي چڪو هجي، تنهن ڪري، جيستائين اوهان کي مهر جي رقم وصول نٿي ٿئي، اها نصاب ۾ شامل نه ٿيندي. ها، جڏهن اوهان کي حق مهر وصول ٿي وڃي، ته جنهن ڏينهن کان

اهو اوهان جي قبضي ۾ ايندو، زڪوات جي حساب ۾ شامل ٿيندو، يعني جيڪڏهن اوهين اڳ ۾ ئي صاحبِ نصاب هيون ته اهو مال به ٻئي زڪوات جي مال سان گڏايو ويندو ۽ ان جي سال پوري ٿيڻ تي سڄي مال جي زڪوات لازمي ٿيندي، بشرطيڪ زڪوات جون ٻيون شرطون پوريون هجن. جيڪڏهن اوهين اڳ ۾ صاحبِ نصاب نه هيون، ته جنهن ڏينهن مهر وصول ٿيو ۽ اهو نصاب جي برابر آهي ته ان ئي وقت کان سال شروع ٿيندو، جڏهن سال پورو ٿيندو ته ان وقت ان جي زڪوات ڏيڻي پوندي، بشرطيڪ زڪوات جون شرطون پوريون هجن.

(تحفة الفقہاء، 295/1-البحر الرائق شرح كنز الدقائق، 2/ 223-فتاویٰ رضویہ، 162/10- بہارِ شریعت، 906/1)

وَاللّٰہُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُہٗ اَعْلَم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم۔



# پنهنجو وقار ٺاهيو

اُمِّ ميلاد عطاريہ

الله پاڪ انسان کي عزت وارو بڻايو، ۽ انسان جي اصل عزت جو معيار تقويٰ کي قرار ڏنو. جيئن تہ الله تعاليٰ جو ارشاد آهي:

﴿اِنَّ اَكْرَمَكُمْ عِنْدَ اللّٰهِ اَتْقٰىكُمْ﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: بيشڪ الله وٽ توهان مان وڌيڪ عزت وارو اهو آهي جيڪو توهان مان وڌيڪ پرهيزگار آهي.

اي محترم اسلامي ڀينرو! هن آيت مبارڪ جي هن حصي ۾ اهو بنيادي اصول بيان ڪيو پيو وڃي جيڪو ڪنهن بہ انسان لاءِ شرافت، عظمت ۽ فضيلت جو اصل ذريعو آهي، ۽ جنهن جي ڪري ان کي الله تعاليٰ جي بارگاه ۾ عزت ۽ مرتبو ملندو آهي.

ان مان اها حقيقت واضح ٿي تہ انسان جي حقيقي عزت ۽ وقار مال، نسل يا شهرت تي نہ، پر دل جي پرهيزگاري، اخلاص ۽ ڪردار جي پاڪيزگي تي ٻڌل آهي.

ياد رکو تہ وقار (Dignity) جو مطلب آهي: انسان پنهنجي گفتار، ڪردار، سوچ ۽ عمل ۾ سنجيده، متوازن ۽ شائستہ هجي. هو نہ تہ ڪنهن تي ظلم ڪري، نہ پاڻ کي ذليل ڪري، ۽ نہ ئي پنهنجي عزت نفس کي معمولي فائدن تي قربان ڪري. هڪ مؤمن کي پنهنجي خودداري ۽ شرافت جو خيال رکڻ گهرجي. پنهنجي عزت کي خواهشن، دنياوي مفادن يا وقتي لذتن جي عيوض نہ وڪڻي.

اولاد کي باوقار بڻائڻ ۾ مائرن جو ڪردار

مائرن کي گهرجي تہ جڏهن اهي پنهنجين ڌيئرن جي تربيت ڪن تہ انهن ۾ وقار ۽ عزت نفس پيدا ڪرڻ لاءِ چئن اهم معاملن کي خاص طور تي نظر ۾ رکن:

عقيدن جي اصلاح تي خاص توجہ ڏين.

ظاهري عملن کي درست ڪرڻ جو فڪر ڪن.

باطني صفتن جي بهتري ۽ نفس جي پاڪائي جي ڪوشش ڪن.

اخلاقيات ۾ بلندي پيدا ڪرڻ تي ڀرپور محنت ڪن.

اهي چارئي نقطا دنياوي ۽ اخروي ڪاميابي لاءِ انتهائي مؤثر ۽ بنياد فراهم ڪندڙ آهن.

جيڪڏهن اخلاق سٺا هوندا تہ معاشري ۾ انسان کي قدر ۽ منزلت جي نگاه سان

ڏٺو ويندو، ماڻهو عزت ڏيندا، ۽ دلين ۾ جاءِ ٺهندي. ان کان علاوه، سٺا اخلاق الله پاڪ جي رضا ۽ آخرت ۾ ڪاميابي جو ذريعو بڻجندا. جڏهن ته جيڪڏهن اخلاق خراب هجن، زبان ۾ ڪَڙاڻ، رويي ۾ غرور يا بدتميزي هجي ته ان سان انسان جي ساک خراب ٿيندي، نه صرف پنهنجي عزت مٽي ۾ ملندي پر والدين جي بدنامي ۽ معاشرتي رسوائي جو سبب به بڻجندي آهي. آخرت ۾ اهڙا اخلاق الله س جي ناراضگي جو سبب بڻجندا، ۽ حقوق العباد جي پامالي جي صورت ۾ ماڻهو آخرت ۾ مطالبو ڪندا ته انهن جي حقن جو حساب ورتو وڃي.

عزت ۽ وقار جي بلندي جا سبب ۽ وصفون

وقار ۽ مڪمل شخصيت جي نکار لاءِ هيٺ ڏنل چند خاصيتن کي اپنائڻ تمام گهڻو فائديمند ٿي سگهي ٿو:

غلطي جو اعتراف: جيڪڏهن ڪنهن معاملي ۾ توهان کان ڪا غلطي ٿي وڃي ته ان جو اعتراف ڪريو، ان سان عزت گهٽ نه ٿيندي، پر وڌندي.

آسان زندگي: زندگي کي آسان بڻايو، لاڳاپن ۾ نرمي آڻيو، غير ضروري سختي ۽ ضد کان پاسو ڪريو.

ٻين کي اهميت ڏيو: ماڻهن کي اهميت ڏيڻ سکو. جيڪڏهن ڪو توهان وٽ اچي ته اٿي بيهي ان جو استقبال ڪريو، ويهڻ لاءِ جاءِ ڏيو. ائين ڪرڻ سان توهان جيتوڻيڪ ڪنهن کي زمين تي جاءِ ڏني، پر اهو توهان کي دل ۾ جاءِ ڏيندو. اهو رويو توهان جي اهميت، عزت ۽ وقار ۾ اضافو ڪندو.

موقعي محل جي مناسبت سان گفتگو: جڏهن به ڪنهن سان ڳالهه ڪريو ته ان جي مقام، مرتبي، عمر ۽ حالتن کي نظر ۾ رکي گفتگو ڪريو. اسان عام طور تي پنهنجي طبيعت، مزاج يا لهجي مطابق ڳالهائيندا آهيون، پر سامهون واري جي احساسن، تجربن ۽ عمر جو لحاظ رکڻ ضروري آهي.

برائي جو جواب نيڪي سان: برائي جو جواب ڀلائي سان ڏيڻ سکو. بدلو وٺڻ وارا نه بڻجو، درگذر ۽ معاف ڪرڻ کي عادت بڻايو.

الله جا ٻانها بڻجو: جيڪو الله جي آڏو جهڪندو آهي، الله مخلوق جي دلين کي ان لاءِ جهڪائي ڇڏيندو آهي.

سچ ڳالهايو، ديانتدار بڻجو، ڪردار کي مضبوط رکو ۽ علم و عمل ۾ سنجيدگي آڻيو.

الله لاءِ عاجزي اختيار ڪريو: حديث پاڪ ۾ آهي: "جيڪو شخص الله پاڪ لاءِ عاجزي اختيار ڪندو آهي، الله پاڪ ان کي بلندي عطا فرمائيندو آهي".

مدني مذاڪرو: هر هفتي، عشاءَ جي نماز ڪانپوءِ مدني مذاڪرو ضرور ڏسو.

مٿي ڄاڻايل هدايتن تي عمل ڪرڻ سان اِن شآءَ الله توهان جي شخصيت ۾ اهڙيون ڪيتريون ئي مثبت تبديليون اينديون جيڪي معاشري ۾ توهان کي هڪ عزتدار ۽ باوقار خاتون بڻائڻ جون ضامن هونديون.

عزت ۽ وقار کي مجروح ڪندڙ ڳالهيون

پياريون اسلامي ڀينرو! انهن ڳالهين کي اپنائڻ سان گڏوگڏ ڪجھ ڳالهين کان بچڻ به ضروري آهي ته جيئن اسان جي عزت ۽ وقار جو دامن داغدار نه ٿئي:

ماڻهن جي نفسيات جو خيال رکو: اهڙيون ڳالهيون نه ڪريو جيڪي ٻين جي دل آزاري جو سبب بڻجن. مثال طور: شادي شده عورت بيواهه جي سامهون پنهنجي مڙس جون تعريفون ڪري، بي اولاد جي سامهون پنهنجي اولاد جون ڳالهيون ڪري، يا يتيم جي سامهون ماءُ پيءُ جي پيار جون ڳالهيون ڪري، ته اهو احساس محرومي کي جنم ڏئي ٿو. سامهون وارو چاهي ڪجھ نه به چوي، پر ان جي دل کي ڌڪ لڳي سگهي ٿو ۽ لاشعوري طور تي ان جي نظر ۾ توهان جو قدر ۽ قيمت گهٽجي ويندي.

ڪردار جي مضبوطي: جيئن اسان گهر ٺاهيندي ڪو اهڙو سوراخ ناهيون ڇڏيندا جتان ڪو جهاتي پائي سگهي، اهڙي طرح هڪ سمجهدار ۽ عقل واري خاتون پنهنجي ڪردار ۾ اهڙي ڪمزوري ناهي ڇڏيندي جو ڪو ان جي شخصيت ۾ جهاتي پائي عيب ڪڍي سگهي.

فضول ڪمن کان پاسو ڪريو: اهڙن ڪمن کان بچو جن جو نه دنيا ۾ فائدو آهي نه آخرت ۾. رسول ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: "ماڻهوءَ جي اسلام جي خوبصورتي اها آهي ته هو بيڪار ڳالهين کي ڇڏي ڏئي." ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته بي فائدا ڪمن ۾ ٻين فضوليات کان علاوه سوشل ميڊيا جي فضول مصروفيت، موبائل جو بي مقصد استعمال، ۽ غير ضروري ڳالهه ٻولهه به شامل آهي. عورتن جو پنهنجين سهيلين، رشتيدارن ۽ ٻين عورتن سان ڪلاڪن جا ڪلاڪ غير ضروري ڪالز ۾ لڳي رهڻ وقت، توانائي، ڪردار ۽ وقار، سڀني کي ضايع ڪري ٿو.

برين عادتن کان پاسو: غيبت، چغلي، فحاشي، لالچ ۽ نفرت کان پري رهو، جو ته

اهي شيون بہ انساني وقار جون قاتل آهن.

اهي ننڍيون ننڍيون ڳالهيون ذڪر ڪيون ويون آهن جن جو جيڪڏهن خيال رکيو وڃي تہ توهان جي شخصيت نکرڻ لڳندي، توهان جو معيار بلند ٿيندو ويندو. پوءِ جڏهن توهان پنهنجي ذات جي اصلاح تي توجہ ڏينديون تہ نہ توهان کي ٻين جي عيب جوئي جو وقت ملندو، ۽ نہ ئي بيجا تنقيد جو رجحان باقي رهندو، ۽ اهي ٻئي ڳالهيون بہ انسان جي وقار کي مجروح ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪن ٿيون.

”پنهنجو وقار ٺاهيو“ دراصل هڪ جامع ۽ بصيرت افروز پيغام آهي، جيڪو اسان کي دين اسلام جي روشنيءَ ۾ خودداري، عزت نفس، وقار ۽ ڪردار جي پختگي سيکاري ٿو.

الله پاڪ اسان کي سٺن اخلاقن سان مالا مال فرمائي، بلڪ اخلاقِ نبوي جو صدقو اسان کي عطا فرمائي.

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم.





# حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بحيثيت معلم

## (بعثتِ مبارڪ جو عظيم مقصد علم ڪي عام ڪرڻ)

مولانا محمد آصف اقبال عطاري مدني

جهالت جي اونداهين سان ڀريل هن دنيا ۾ علم ۽ آگاهي جي شمع روشن ڪرڻ، حق جي طالبن کي معرفت ۽ حقيقت جا جام پيارڻ ۽ پڌڪيل انسانيت کي پنهنجي خالق جو پتو ٻڌائڻ لاءِ رحمتِ عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم معلمِ ڪائنات بڻجي تشريف فرما ٿيا. سندن تشريف آوري جو هڪ عظيم مقصد علم جي روشني پکيڙڻ به هو. قرآن ۽ سنت ۾ بعثت جي هن مقصد جي وضاحت موجود آهي، جيئن ته

ارشادِ باري تعاليٰ آهي:

لَقَدْ مَنَّ اللّٰهُ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ اِذْ بَعَثَ فِيْهِمْ رَسُوْلًا مِّنْ اَنْفُسِهِمْ يَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِهٖ وَ يُزَكِّيْهِمْ وَ يُعَلِّمُهُمُ الْكِتٰبَ وَ الْحِكْمَةَ ۚ وَ اِنْ كَانُوْا مِنْ قَبْلُ لَفِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ (۱۶۴) ترجمو ڪنز العرفان: بيشڪ الله ايمان وارن تي وڏو احسان فرمايو جڏهن انهن ۾ هڪ رسول موڪليائين جيڪو انهن ئي مان آهي. اهو انهن جي سامهون الله جي آيتن جي تلاوت فرمائيندو آهي ۽ انهن کي پاڪ ڪندو آهي ۽ انهن کي ڪتاب ۽ حڪمت جي تعليم ڏيندو آهي جڏهن ته اهي ان کان پهريان ڪليل گمراهيءَ ۾ هئا. (i)

پهرين وحي جي شروعات به پڙهائي جي اهميت کي خوب واضح ڪري ٿي:

اِقْرَاْ بِاسْمِ رَبِّكَ الَّذِیْ خَلَقَۚ (۱) خَلَقَ الْاِنْسَانَ مِنْ عَلَقٍۚ (۲) اِقْرَاْ وَ رَبُّكَ الْاَكْرَمُۙ (۳) الَّذِیْ عَلَّمَ بِالْقَلَمِۙ (۴) عَلَّمَ الْاِنْسَانَ مَا لَمْ یَعْلَمْؕ (۵)

ترجمو ڪنز العرفان: پنهنجي رب جي نالي سان پڙهه جنهن پيدا ڪيو. انسان کي رت جي ڏڳ مان ٺاهيو. پڙهه ۽ تنهنجو رب ئي سڀ کان وڏو ڪريم آهي. جنهن قلم سان لکڻ سيکاريو. انسان کي اهو سيکاريو جيڪو اهو نه ڄاڻيندو هو. (ii)

اهڙي طرح ڪيترين ئي حديثون حضور نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو معلم ۽ استاد هجڻ بيان ڪن ٿيون. جيئن ته حضرت عبدالله بن عمرو رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُما بيان ڪن ٿا ته هڪ ڏينهن رسولِ پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي هڪ حجري مبارڪ مان ٻاهر آيا، پوءِ مسجد شريف ۾ داخل ٿيا، اتي ٻه حلقا ملاحظ فرمايائون؛ هڪ حلقي وارا قرآن پاڪ پڙهي رهيا هئا ۽ الله پاڪ کان دعا گهري رهيا هئا، جڏهن ته ٻئي حلقي وارا علم سکي ۽ سيکاري رهيا هئا. اهو ڏسي پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: كُلٌّ عَلَى خَيْرٍ، هَؤُلَاءِ يَقْرَءُونَ الْقُرْآنَ، وَيَدْعُونَ اللّٰهَ، فَاِنْ شَاءَ اَعْطَاهُمْ، وَاِنْ شَاءَ مَنَعَهُمْ، وَهَؤُلَاءِ يَتَعَلَّمُونَ وَيُعَلِّمُونَ، وَاِنَّمَا بُعِثْتُ مُعَلِّمًا

يعني هي بئي حلقا نيڪي تي آهن، هي قرآن پاڪ پڙهندا آهن ۽ الله پاڪ کان دعا گهرندا آهن، پوءِ جيڪڏهن الله پاڪ چاهي ته انهن کي عطا فرمائي ۽ چاهي ته روڪي ڇڏي، ۽ هي ٻيا علم سکڻ ۽ سيکارڻ ۾ مصروف آهن ۽ مان ته معلم بڻائي موڪليو ويو آهيان. اهو فرمائي سکڻ ۽ سيکارڻ وارن سان گڏ ويهي رهيا.[iii]

## معياري علم ڪهڙو آهي؟

واضح رهي ته علم جي اهميت مجيل آهي، پر معياري ۽ غير معياري علم ڪهڙو آهي؟ ان جو تعين هر ڪو پنهنجي ذوق، ضرورت ۽ فهم ۽ فراست جي حساب سان ڪندو آهي، پر معلم ڪائنات حضورِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم معياري علم ان کي قرار ڏنو جيڪو ”نفعي بخش“ هجي. پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دعا آهي: اسان اهڙي علم کان الله پاڪ جي پناهه گهرون ٿا جيڪو نفعو نه ڏئي.[iv] تنهن ڪري جنهن به علم کي نفعي بخش هجڻ جي معيار تي پرکيو ويندو، اهو نقصان ۽ هلاڪت کان لازمي طور محفوظ رهندو. قابليت (Skills) وڌائڻ جي موجوده دور ۾ جيڪڏهن هر شخص نيت جي درستگي سان هن معياري علم کي اپنائي ته مفاد پرستي جو خاتمو ٿيندو ۽ معاشرو نيڪ سيرت ۽ همدرد ماڻهن سان ڀرجي ويندو. معياري علم سيکارڻ، پڙهائڻ ۽ سمجهائڻ ۾ حضور جانِ رحمت، معلمِ ڪائنات صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا تعليمي اصول، تربيت ۽ درس جا انداز ۽ طريقا به وڏا شاندار، لاجواب، قابلِ تحسين ۽ لائقِ اتباع آهن. هيٺ اسين انهن مان ڪجهه بيان ڪيون ٿا.

## علم سيکارڻ جي مقصد لاءِ جستجو:

مقصد ۾ ڪاميابي لاءِ ان جي جستجو ۽ چاهت وڏو ڪردار ادا ڪري ٿي. استقامت پاڻ هڪ ڪرامت آهي. استقلال ۽ همت ڪاميابيءَ جي بنيادي ڏاڪڻ آهي. اسين ڏسون ٿا ته رحمتِ عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حڪمِ الاهي مطابق پنهنجي مقصد جي حاصلات، تعليماتِ الٰهي سان ماڻهن کي روشناس ڪرائڻ ۾ هر وقت مصروف رهندا هئا، ڪڏهن به پوئتي نه هٽيا. دين ۽ دنيا جا علم سيکارڻ جي عظيم مقصد ۾ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو چاهه وڏو مثالي هئو، وڏي کان وڏي مشڪل به رستي ۾ رڪاوٽ نه بڻجي سگهي. طائف جو واقعو هجي، شعب ابي طالب جو قيد هجي، ظلم ۽ ستم جون آنڌيون هجن يا مشرڪن جي مال ۽ دولت جي پيشڪش هجي، ڪا به شيءِ معلمِ انسانيت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي راهه ۾ رڪاوٽ نه بڻجي سگهي.

## غمخواري ۽ دردمندي:

ڪنهن به قافلي جي اڳواڻ لاءِ بلند نظري ۽ دل موهيندڙ گفتگو سان گڏوگڏ دل جي گهرائين مان نڪرندڙ تڙپ ۽ درد جو هجڻ

تمام ضروري آهي. رحمت اللعالمين، حضرت محمد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي امت کي گمراهي جي اونداهين مان ڪڍي سڌي رستي تي آڻڻ ۽ انهن جي بهترين تعليم ۽ تربيت جي لاءِ هر وقت هڪ دل گداز ڪيفيت ۽ گهري فڪرمندي ۾ رهندا هئا. ان کي سمجهڻ لاءِ هي حديث شريف اسان جي رهنمائي ڪري ٿي. جيئن ته حضور رحمتِ عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: منهنجو مثال ان شخص جهڙو آهي جنهن باهه ٻاري ۽ جڏهن ان باهه آسپاس جي جاءِ کي روشن ڪري ڇڏيو ته ان ۾ پتنگ ۽ حشرات الارض ڪِرڻ لڳا، اهو شخص انهن کي باهه ۾ ڪِرڻ کان روڪي ٿو ۽ اهي ان تي غالب اچي باهه ۾ ڏڙا ڏڙ ڪري رهيا آهن. پوءِ هي منهنجو مثال ۽ توهان جو مثال آهي، مان توهان جي چيلهه پڪڙي توهان کي جهنم ۾ وڃڻ کان روڪي رهيو آهيان ۽ چئي رهيو آهيان ته جهنم وٽان هٽي وڃو! جهنم وٽان هٽي وڃو! ۽ توهان ماڻهو منهنجي ڳالهه نه مڃي (پتنگن جي باهه ۾ ڪِرڻ وانگر) جهنم ۾ ڪِري رهيا آهيو. (v)

## ڳالهه سمجهائڻ جي ڪامل مهارت:

ٻين کي سيکارڻ لاءِ هي مهارت بيحد ضروري آهي ته سيکارڻ وارو ڳالهه سمجهائڻ جي پوري صلاحيت رکندو هجي ۽ سمجهاڻي جي سمورن تقاضن کان آگاهه هجي. ان سلسلي ۾ حضور نبي پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي شخصيت ۾ مهارت ڪمال درجي جي موجود هئي. شروع کان آخر تائين پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي گفتگو نهايت صاف هوندي هئي، جامع گفتگو فرمائيندا هئا يعني لفظ گهٽ پر پراثر هوندا هئا. کين "جوامع الڪلم" جي خصوصيت عطا ڪئي وئي هئي يعني پاڻ گهٽن مفهومن ۽ معنائن کي چند لفظن ۾ سمجهائي ڇڏيندا هئا.

حضرت اُمِّ مَعبد رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا جن وڏي شاندار طريقي سان حسن و جمالِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي بيان ڪيو آهي، اُهي فرمائن ٿيون: پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مٺو ڳالهائيندڙ ۽ واضح بيان وارا هئا، نه گهٽ ڳالهائيندڙ هئا ۽ نه وڌيڪ ڳالهائيندڙ، ۽ گفتگو اهڙي هئي جڻ موتين جا داڻا پوئجي ويا هجن. اُمُّ المؤمنين حضرت عائشه صديقه رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا بيان فرمائن ٿيون: رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ڪلمات ۾ فصاحت ۽ بلاغت واضح هئي، پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بيهي بيهي گفتگو فرمائيندا هئا، جيڪڏهن ڪو سندن لفظ ڳڻڻ چاهي ها ته ڳڻي سگهي پيو. (vi)

## افهام و تفهيم ۾ نرم رويو:

تعليم ۽ تربيت ۾ نرم رويو تير وانگر هدف تي لڳڻ جو ڪم ڪري ٿو، جو ته نرمي فلاح ۽ ڪاميابي جي ضمانت فراهم ڪري ٿي. سختي سان اهي مقصد حاصل نٿا ٿي سگهن

جيڪي نرمي سان سمجھائڻ سان حاصل ٿيندا آھن. رحمتِ ڪونين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انتھائي نرم دل ھئا، محارمِ الٰھي ۽ حدودِ شرع کان علاوه ۾ سختي نہ فرمائيندا ھئا، پيار سان سمجھائيندا ھئا، دڙڪا نہ ڏيندا ھئا.

نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سراپا شفقت ۽ رحمت ھئا.

الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

فَبِمَا رَحْمَةٍ مِّنَ اللّٰهِ لِنْتَ لَهُمْ ۚ وَلَوْ كُنْتَ فَظًّا غَلِيْظَ الْقَلْبِ لَانْفَضُّوْا مِنْ حَوْلِكَ ۪ فَاعْفُ عَنْهُمْ وَ اسْتَغْفِرْ لَهُمْ وَ شَاوِرْهُمْ فِي الْاَمْرِ ۚ فَاِذَا عَزَمْتَ فَتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُتَوَكِّلِيْنَ ﴿۱۵۹﴾

ترجموڪنز العرفان: پوءِ اي حبيب! الله جي ڪيتري وڏي مھرباني آھي جو توھان انھن جي لاءِ نرم دل آھيو ۽ جيڪڏھن توھان سخت مزاج، سخت دل ھجو ھا تہ اھي ماڻھو ضرور توھان وٽان پڃي وڃن ھا سو توھان انھن کي معاف فرمائيندا رھو ۽ انھن جي مغفرت جي دعا ڪندا رھو ۽ ڪمن ۾ انھن کان مشورو وٺندا رھو پوءِ جڏھن ڪنھن ڳالھ جو پڪو ارادو ڪري وٺو تہ الله تي ڀروسو ڪيو بيشڪ الله توڪل ڪرڻ وارن سان محبت فرمائيندو آھي. (vii)

حضورِ اڪرم، ھادي عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تعليم ڏيڻ جو اھڙو عملي انداز عطا فرمايو آھي جنھن ۾ نہ دڙڪا آھن ۽ نہ ئي ڇڙٻون ۽ مار آھي. ثبوت طور ڪيتريون ئي حديثون پيش ڪيون وينديون آھن، ھڪ روايت ملاحظ فرمايو. جيئن تہ

حضرت مُعاويہ بن حڪم سُلمي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ نماز ادا ڪري رھيا ھئا، نماز دوران ڪنھن کي نڇ اچي وئي، حضرت معاويه بن حڪم "يَرْحَمُكَ الله" چيو تہ آسپاس موجود نمازين کي تشويش ٿي ۽ پنھنجي انداز سان ڪين ان شيءِ جو احساس ڏياريائون. نماز کان فارغ ٿيڻ ڪانپوءِ معلمِ ڪائنات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪين پنھنجي ويجھو گھرايو. ان موقعي تي ھو عرض ڪن ٿا: مون پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان پھريان ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪانپوءِ ڪائنس وڏيڪ سٺو سيکارڻ وارو نہ ڏٺو، الله پاڪ جو قسم! نہ پاڻ مون کي جھڙڪيائون، نہ ماريائون ۽ نہ دڙڪو ڏنائون، بلڪ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: بيشڪ ھن نماز ۾ ماڻھن جي ڳالھ قبول ڪرڻ جي صلاحيت ناھي، نماز تہ تسبيح، تڪبير ۽ قراءت قرآن جو نالو آھي. (viii)

### مخاطب جي ذھني صلاحيت ۽ احوال جو خيال:

سيکارڻ جي عمل ۾ مخاطب جي ذھني صلاحيت ۽ ذاتي احوال جو خيال رکڻ بہ بھتر نتيجا فراھم ڪندو آھي. ماڻھو مختلف خيالن ۽ طبيعتن جا مالڪ ھوندا آھن، معلم کي ان جو ڌيان رکڻ ضروري آھي. حديثن ۽ سيرت جا ڪتاب ٻڌائين ٿا تہ تعليم و تدريس، تفھيم و ترغيب ۽ سوالن جا جواب ڏيڻ ۾ رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مخاطب جي ذھني

صلاحيت ۽ مزاج جو پورو لحاظ رکندا هئا، سامهون واري جي وسعتِ ظرفي ۽ عملي حيثيت ڏسي ڳالھ ڪندا هئا. ٻارن، جوانن ۽ پوڙهن جي سوچ ۽ سمجھ مطابق معاملو فرمائيندا هئا ۽ اهو ئي سبب آهي جو معلمِ ڪائنات صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سائلن ۽ مخاطبن جي عملي ڪيفيتن کي ڏسندي مختلف موقعن تي مختلف شين کي افضل ٻڌايو، جنهن ۾ جيڪا ڪمي محسوس ڪيائون، ان کي حڪمت سان ان ئي ڳالھ جي ترغيب ارشاد فرمائي. ڪنهن کي فرمايائون افضل عمل ذڪر آهي، ڪڏهن ٻڌايائون افضل شيءِ رات جي نماز آهي، ڪنهن لاءِ والدين سان حسنِ سلوڪ ڪرڻ افضل ارشاد ٿيو ۽ ڪنهن کي نماز جو افضل هجڻ ٻڌايو.

## ماتحتن تي انفرادي توجہ:

تعليم ۽ تربيت ۾ پنهنجي ماتحتن، شاگردن ۽ مريدن تي انفرادي توجہ ڏيڻ جي بہ وڏي اهميت آهي. حضور اڪرم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابہ ڪرام کي نالو وٺي سڏيندا هئا، ڪڏهن محبت وارو نالو رکندا هئا، جيئن حضرت عائشہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا کي حميرا ۽ عائش وغيره چوڻ، ڪنهن کي ابوتراب، ابوهريره وغيره جي لقبن ۽ ڪنيتن سان نوازيو، ڪجھ ماڻهن جي انفرادي خصوصيت جو اعتراف ڪيو، انهن جي تعريف فرمائي ۽ انهن جا فضائل بيان ڪيا. هي اهڙا معاملا آهن جيڪي سيکارڻ ۽ سکڻ واري جي وچ ۾ پنهنجائپ کي جنم ڏيندا آهن. اهڙي طرح حضور نبي پاڪ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجائپ ۽ تعلق جي مضبوطي ۽ تعليم ۽ تعلم جي عمل کي پورو ڪرڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن حضراتِ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان سان شائستہ انداز ۾ مزاح بہ فرمائيندا هئا، فرحت ۽ خوشي پيدا ڪرڻ لاءِ پرلطف جملا چوندا هئا. حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ بيان ڪيو آهي تہ رسول ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي فرمايو: يَا ذَا الْأُذُنَيْنِ يعني اي ٻن ڪنن وارا. [ix] ان کان علاوه پاڻ ئي بيان ڪن ٿا: رسولِ پاڪ صاحبِ لولاڪ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان سان وڏي پيار ۽ گڏجي ملي رهندا هئا، ايتري قدر جو منهنجي ننڍي ڀاءُ کي فرمائيندا هئا: يَا أَبَا عُمَيْرٍ، مَا فَعَلَ النُّغَيْرُ اي ابوعمير! تنهنجي بلبل کي ڇا ٿيو. [x]

## قول ۽ فعل ۾ مطابقت:

قول ۽ فعل جو تضاد وڏن وڏن کي لائق اتباع نہ رهڻ ڏيندو آهي، ان سان سکڻ وارا بہ ان کي پنهنجي دلين ۽ ذهنن ۾ جاءِ ناهن ڏيندا ۽ اهڙي معلم جي ڳالھ ۾ تاثير ناهي رهندي. تنهن ڪري معلم ۽ استاد کي باعمل ۽ باڪردار هجڻ گهرجي، ان جا افعال ان جي اقوال جي تصديق ڪن. هن معاملي ۾ بہ حضور معلمِ انسانيت صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شخصيت بي داغ آهي، صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سندن قول ۽ فعل جي يڪسانيت جي گواهي دشمن بہ صادق ۽ امين

چئي ڏيندا هئا. پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پوري زندگي ۾ قول ۽ فعل ۾ تضاد جو هڪ بہ مثال نٿو ملي، تنهن ڪري استاد کي پنهنجي ڳالهہ ۽ عمل ۾ تضاد کان هميشہ بچڻ گهرجي.

## آساني پهچائڻ، مشڪل کان بچائڻ:

حضور نبي اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: يَسِّرُوا وَلَا تُعَسِّرُوا وَبَشِّرُوا وَلاَ تُنَفِّرُوا يعني آساني پيدا ڪريو، تنگي نہ ڪريو، خوشخبري ڏيو، نفرت پيدا نہ ڪريو.(xi)

هڪ روايت ۾ ”وَسَكِّنُوْا“ جا لفظ آهن يعني سڪون پهچايو. استادن کي گهرجي تہ شاگردن تي آساني ڪن، تنگي نہ ڪن، اهڙو ڪم نہ ڪن جو اهي انهن کان بدظن ۽ متنفر ٿين. حضور معلمِ انسانيت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سکڻ وارن تي آساني لاءِ مختلف طريقا اپنائيندا هئا، پنهنجي گفتگو ۾ مثال ڏيندا هئا، نقشن سان سمجهائيندا هئا، واقعا ٻڌائيندا هئا ۽ ڪڏهن ڳجهارت نما سوال بہ پڇندا هئا وغيره وغيره.

رحمتِ دو عالم، معلمِ ڪائنات صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حياتِ طيبہ انسانيت لاءِ اهڙو نور جو مينار آهي جيڪو هر دور جي اونداهين ۾ رهنمائي جو فريضو انجام ڏيندو رهندو. پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تعليم کي فقط زبان ۽ بيان جو فن نہ، بلڪ تزڪيہ نفس، اصلاحِ قلب و روح ۽ ڪردار جي تعمير جو ذريعو بڻايو. سندن هر قول، هر فعل، هر اندازِ تربيت هڪ اهڙو حڪمت جو در آهي جنهن مان صديون مستفيد ٿينديون رهيون آهن ۽ قيامت تائين ٿينديون رهنديون. اڄ جڏهن تہ دنيا جديد تعليم ۽ مهارت جي ڊوڙ ۾ مصروف آهي، اسان کي معلمِ اعظم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تعليمات جي روشني ۾ هڪ اهڙو تعليمي ماحول تشڪيل ڏيڻو پوندو جتي علم سان گڏ حلم، فهم سان گڏ رحم ۽ هنر سان گڏ خيرخواهي کي بہ جاءِ ڏني وڃي. اسان کي گهرجي تہ تعليم ۽ تربيت جي هر مرحلي تي رسول اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سيرت کي معيار بڻايون. معلمِ ڪائنات صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تعليمات جيڪڏهن اسان جي نظامِ تعليم جو روح بڻجي وڃي تہ يقيناً هي معاشرو علم ۽ عرفان جو گلزار ۽ انسانيت جو عڪاس بڻجي ويندو.

اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم.

---

(i) پ4،ال عمران:164
(ii) پ30،العلق :1تا5
(iii) ابن ماجہ،150/1،حديث:229
(iv) مسلم، ص1118،حديث: 6906
(v) مسلم، ص965، حديث : 5957
(vi) بخاری، 491/2، حديث:3567
(vii) پ4، آل عمرٰن:159
(viii) مسلم،ص 215، حديث: 1199مختصراً
(ix) ابوداوٗد،390/4،حديث:5001
(x) بخاری،155/4، حديث:6203ملخصاً
(xi) بخاری،42/1، حديث:69



# ختم نبوت

## مولانا حيدر علي مدني

جمعي جي ڏينهن هونئن ته اسڪول جي عام روٽين مطابق بزمِ ادب ٿيندي ئي هئي، پر اڄ ٻارن جي بزمِ ادب لاءِ ٻارن جو جوش ۽ جذبو ڏسڻ وٽان هو. دراصل پرنسپال صاحب ڪجھ ڏينهن اڳ ئي اعلان ڪري ڇڏيو هو ته هن جمعي تي ٿيندڙ بزمِ ادب جو عنوان هوندو: ”عقيدهٔ ختم نبوت“، جنهن ۾ معمول کان هٽي ڪري ٻارن جي بدران استاد حصو وٺندا، ان ڪري ئي ٻار وقفي (بريڪ) ختم ٿيڻ جو انتظار ڪري رهيا هئا ته جيئن جلدي بزمِ ادب شروع ٿئي.

بزمِ ادب جي باقاعده شروعات اردو جي محترم استاد قرآن مجيد جي تلاوت سان ڪئي، جنهن ڪانپوءِ رياضيءَ جو استاد نعت پاڪ پڙهڻ لاءِ مائيڪ تي آيو:

سب سے اولیٰ و اعلیٰ ہمارا نبی سب سے بالا و والا ہمارا نبی

نعت ايتري پياري ۽ سولي هئي جو ڪنهن جي چوڻ کان بغير ئي ٻار نعت پڙهڻ ۾ شامل ٿي ويا، پورو هال نعت سان گونجي رهيو هو. جيئن ئي سر جي نعت ختم ٿي ته پرنسپال صاحب پهريان ختم نبوت جا نعرا هنيا:

محمد مصطفےٰ سب سے آخری نبی

احمد مجتبےٰ سب سے آخری نبی

تاجدارِ انبیا سب سے آخری نبی

ہیں حبیبِ کبریا سب سے آخری نبی

”پيارا ٻارو! هاڻي مان ٻنا ڪنهن دير جي اسان جي اسلاميات جي محترم استاد بلال صاحب کي دعوت ڏيان ٿو ته هو مائيڪ تي تشريف آڻين ۽ پنهنجي تقرير سان اسان جي دل ۽ دماغ کي منور فرمائن“.

سر بلال: ”پيارا شاگردو ۽ معزز استادو، السّلام عليكم ورحمة الله وبركاته! اڄ اسان جنهن عقيدي ۽ نظريي جي ڪري هتي گڏ ٿيا آهيون، اهو اوترو ئي اهم آهي جيترو عقيد توحيد جو عقيدو. يعني جيئن الله پاڪ کي اڪيلو معبود مڃڻ کان سواءِ ڪو به شخص مسلمان نٿو ٿي سگهي، تيئن ئي جيستائين حضرت محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي آخري نبي نه مڃيندو، تيستائين اهو مسلمان شمار نه ٿيندو“.

”پيارا ٻارو! ختمِ نبوت جي عقيدي جي لاءِ شروع کان ئي مسلمان پنهنجون جانيون قربان ڪندا آيا آهن. اڄ مان اوهان جي سامهون هڪ اهڙي جهاد جي تاريخ بيان ڪرڻ وارو آهيان، جيڪا ختمِ نبوت جي عقيدي جي حفاظت لاءِ وڙهي ويندڙ اسلام جي پهرين جنگ هئي. الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي مديني منوره ۾ آئي ڏھ سال ٿي چڪا هئا، جڏهن عرب شريف جي ئي هڪ قبيلي جا سترهن ماڻهو سندن خدمت ۾ حاضر ٿيا. انهن مان سورهن ماڻهن ته ان وقت ئي اسلام قبول ڪري ورتو،

پر هڪ شخص اسلام قبول ڪرڻ لاءِ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي سامهون هڪ وڏو عجيب شرط رکيو.“ هال ۾ مڪمل خاموشي هئي، ٻارن سان گڏوگڏ استاد به پوري طرح سر بلال ڏانهن متوجه هئا ۽ اهي اهو عجيب شرط ڄاڻڻ لاءِ بيچين هئا.

سر بلال ڪجهه وقفي کانپوءِ پنهنجي تقرير ٻيهر شروع ڪئي: ”ان شخص چيو ته جيڪڏهن اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم پاڻ کان بعد ۾ مون کي پنهنجي خلافت عطا فرمائيندا يعني پنهنجو نائب بڻائيندا ته مان اوهان جي پيروي ڪندس. ان وقت حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي هٿ مبارڪ ۾ ڪجيءَ جي شاخ جو هڪ ٽڪرو هو، پاڻ ان جي ويجهو تشريف فرما ٿيا ۽ فرمايائون: ’جيڪڏهن تون مون کان هي شاخ جو ٽڪرو به گهرندين ته به مان نه ڏيندس‘“.

”بارگاهِ نبوت مان ذليل ٿيڻ کانپوءِ پنهنجي قبيلي ۾ پهچي ان شخص پنهنجي نبوت جو اعلان ڪري ڇڏيو. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ زندگيءَ ۾ ته ماڻهن ان کي قبول نه ڪيو، پر جيئن ئي پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ظاهري دنيا مان پردو فرمايو، ان جو فتنو پکڙجڻ لڳو ۽ ماڻهو ان جي ڪوڙي دعوت قبول ڪرڻ لڳا. اهو ڏسي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کانپوءِ سندن خليفي ۽ ان وقت مسلمانن جي سڀ کان وڏي سربراهه حضرت ابوبڪر صديق (رَضِيَ اللهُ عَنْهُ) نبوت جي ان ڪوڙي دعويدار کي سبق سيکارڻ لاءِ اسلامي فوج رواني ڪئي ۽ ڪيترائي ڏينهن مقابلو جاري رهيو، پر جنگ جو ڪو فيصلو نه پئي ٿي سگهيو. دراصل آسپاس جي ماڻهن تي ان ڪوڙي شخص جو گهڻو اثر پيو هو، لک جي لڳ ڀڳ ماڻهو ان سان ملي ويا هئا. ڪجهه ڏينهن کانپوءِ اسلامي تاريخ جو عظيم جرنيل صحابي حضرت خالد بن وليد رَضِيَ اللهُ عَنْهُ به اسلامي فوج جي مدد لاءِ اتي پهچي ويو. پاڻ پوري منصوبابندي ڪري انهن تي حملو ڪيو، جنهن جي ڪري انهن کي عبرتناڪ شڪست ٿي. پنهنجي لشڪر کي شڪست ڪائيندو ڏسي اهو ڪوڙو شخص هڪ پٽ جي پويان وڃي لڪيو، پر حضرت وحشي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ان کي ڏسي چڪو هو، تنهن ڪري پاڻ نيزو هڻي ان ڪوڙي شخص کي جهنم واصل ڪري ڇڏيو“.

”پيارا ٻارو! اسلامي تاريخ ۾ هن جنگ کي ’يمامه‘ جي نالي سان ياد ڪيو ويندو آهي. ۽ اوهان کي خبر آهي ته نبوت جي ان ڪوڙي دعويدار جو نالو ڇا هو؟ جيڪڏهن ڪنهن کي خبر آهي ته هٿ مٿي ڪري“.

سر جي ڳالهه تي پرنسپال صاحب مائيڪ وٽ تشريف آڻي چيو: ”درست جواب ڏيڻ واري کي پرنسپال آفيس طرفان هڪ انعام به ڏنو ويندو.“ ان اعلان جي باوجود ٻارن مان ڪنهن جو به هٿ مٿي نه ٿيو ته سر بلال پاڻ ئي جواب ڏنو: ”ٻارو، نبوت جي ان ڪوڙي دعويدار جو نالو ’مُسيلِمه‘ هو، جيڪو پوءِ ’

مُسيلِمہ ڪذاب‘ جي نالي سان مشهور ٿيو، چاڪاڻ تہ ’ڪذاب‘ عربيءَ ۾ وڏي ڪوڙي شخص کي چوندا آهن“.

”پارو، هڪ اهم ڳالهہ اوهان کي خبر آهي تہ هن جنگ ۾ ڪيترن صحابہ ڪرام شهادت جو مرتبو حاصل ڪيو هو؟ ٻارهن سئو صحابہ ڪرام، يعني هزار کان وڌيڪ صحابہ ڪرام پنهنجي جان عقيدهٔ ختم نبوت جي حفاظت لاءِ قربان ڪري ڇڏي هئي، جن ۾ گهڻا صحابہ ڪرام حافظِ قرآن بہ هئا. (فيضان صديق اڪبر، ص 382، 384، 388، 415) ان ڪري ئي تہ اسان چئون ٿا“:

عقیدہ سب صحابہ کا سب سے آخری نبی

عقیدۂ اہلِ بیت کا سب سے آخری نبی

## طبيعت عبادت ڏانهن مائل ٿئي

يَامُحْصِي (اي هر شيءِ کي گهيرڻ وارا)

جيڪڏهن طبيعت عبادت ڏانهن مائل نہ هجي تہ سمهڻ وقت پنهنجو هٿ سيني تي رکي 7 ڀيرا هي اسم پڙهي، اِنْ شَآءَ اللہُ الْکَرِیْم تمام جلد عبادت ۽ رياضت جو شوق پيدا ٿيندو.

(نوٽ: وظيفي جي اول آخر ٽي ٽي ڀيرا درود شريف پڙهڻو آهي)

## قرض کان نجات جو عمل

هر نماز کان پوءِ ست 7 ڀيرا سورة قريش پڙهي دعا گهرو. جبل جيڏو بہ قرض هوندو تہ بہ اِنْ شَآءَ اللہُ الْکَرِیْم ادا ٿي ويندو. عمل مراد حاصل ٿيڻ تائين جاري رکو. (**نوٽ:** وظيفي جي اول آخر ٽي ٽي ڀيرا درود شريف پڙهڻو آهي) (ڏسو: فيضان رمضان، ص 112)

## تڪليف ۾ گهٽتائي

يَاحَلِيْمُ

يارنهن سئو ڀيرا (اول آخر يارنهن ڀيرا دُرود شريف سان گڏ)

مريض وٽ ويهي پڙهو ۽ پاڻي تي دم ڪري ان کي پياريو، اِنْ شَآءَ اللہُ الْکَرِیْم ان جي تڪليف ۾ گهٽتائي ايندي.

(از: اميرِ اهلِ سنّت مولانا الياس عطار قادري)

(4 رمضان ڪريم 1446ھ/2025-03-04)

## نوانوي بيمارين لاءِ دوا

حضرت ابو هريره رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمائن ٿا تہ نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو:

"لَاحَوْلَ وَلَاقُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰه"

نانوي بيمارين جي دوا آهي، انهن مان سڀ کان هلڪي بيماري رنج ۽ غم آهي.

(معجم اوسط، 4/10، حديث: 5028)

# نبوت جي برڪتن جو ظهور

جيئن سج نڪرڻ کان پهرين تارن جو لڪي وڃڻ، صبح صادق جي اچاڻ، شفق جي ڳاڙهاڻ سج نڪرڻ جي خوشخبري ڏينديون آهن اهڙي طرح جڏهن نبوت جي سج اڀرڻ جو وقت ويجهو آيو تہ ڪنڊ ڪڙڇ ۾ تمام گهڻا اهڙا عجيب عجيب ۽ خلافِ عادت واقعا ظاهر ٿيڻ لڳا جيڪي سڄي ڪائنات کي سجاڳ ڪري اها بشارت ڏيڻ لڳا تہ رسالت جو سج پوري آب و تاب سان اڀرڻ وارو آهي. جئين اصحابِ فيل جي هلاڪت جو واقعو، رحمت جي برسات سان عرب جي سر زمين جو سر سبز ۽ شاداب ٿي وڃڻ، ۽ سالن جو ڏڪار ختم ٿي وڃڻ ملڪ ۾ خوشحالي جو دؤر اچڻ، بتن جو منهن ڀر ڪري پوڻ، فارس جي مجوسين جي هڪ هزار سالن کان ٻاريل باھ جو يڪدم وسامي وڃڻ، ڪسريٰ جي محل ۾ زلزلي جو اچي وڃڻ، ۽ ان جي چوڏهن ڪنگرن جو ڪري پوڻ، ”همدان“ ۽ ”قم“ جي وچ ۾ ڇھ ميل ڊگهي ۽ ڇھ ميل ويڪري ”درياءِ ساوه“ جو يڪدم سُڪي وڃڻ، شام ۽ ڪوفي جي وچ ۾ وادي ”سماوه“ جي سُڪل ندي جو اچانڪ وهي پوڻ، حضور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي والده جي بدن مان هڪ اهڙي نور جو نڪرڻ جنهن سان ”بصريٰ“ جا محل روشن ٿي ويا. اهي سڀ واقعا انهيءَ سلسلي جون ڪڙيون آهن جيڪي حضورصَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي تشريف آڻڻ کان پهريان ئي ”خوشخبريون“ بڻجي عالَم ڪائنات کي اِها خوشخبري ڏيڻ لڳيون تہ (المواهب اللدنية وشرح الزرقاني، ولادته ...الخ، ج 1 ،ص 217.......)

مبارک ہو وہ شہ پردے سے باہر آنے والا ہے
گدائی کو زمانہ جس کے در پر آنے والا ہے

فيضانِ مدينہ، محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی، باب المدینہ (کراچی)
UAN: +92 21 111 25 26 92 Ext: 2650 / 1144
Web: www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
Email: feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net
978-969-722-842-3
01130318
MAKTABA TUL MADINAH